# 550

# سنتون ۽ آداب

سنڌي

- پاڻيءَ پيئڻ جي باري ۾ 15 سنتون ۽ آداب
- مهمان نوازي جون 30 سنتون ۽ آداب
- عقيقي جون 25 سنتون ۽ آداب
- ننهن ڪٽڻ جي باري ۾ 18 سنتون ۽ آداب
- قبرستان جي حاضري جون 21 سنتون ۽ آداب


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي**

دامت برڪاتهم العاليه

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ ڪتاب دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# 550 سنتون ۽ آداب

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا گهٽ وڌائي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

## رابطي جي لاءِ:

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز**

**فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: 🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا! (مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | 550 سنتون ۽ آداب |
| ڇاپو پهريون: | رجب المرجب 1444ھ، فيبروري 2023ع |
| تعداد: | -------- |
| ڇاپيندڙ: | مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي |

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

## تفصيلي فهرست

550 سنتون ۽ آداب ............ 70
دُرُود شريف جي فضيلت ............ 70
هلڻ جون 15 سنتون ۽ آداب ............ 72
جُتي پائڻ جا 7 آداب ............ 75
ويهڻ جا 18 مدني گل ............ 77
گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل ............ 80
پاڙيسري جي باري ۾ 15 سنتون ۽ آداب ............ 82
پاڻي پيئڻ جا 13 مدني گل ............ 85
کائڻ جون 32 سنتون ۽ آداب ............ 87
مهمان نوازي جون 30 سنتون ۽ آداب ............ 91
” صلہ رحمي جون 13 سنتون ۽ آداب ............ 96
سلام جا 11 مدني گل ............ 99
هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل ............ 101
ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جون 12 سنتون ۽ آداب ............ 102
ننڍ ڏيڻ بابت 17 سنتون ۽ آداب ............ 104
سرمو پائڻ جا چار مدني گل ............ 106
سمهڻ جاڳڻ جا 15 مدني گل ............ 107
زلفن ۽ مٿي جي وارن وغيره جون 22 سنتون ۽ آداب ............ 108
تيل لڳائڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جون 19 سنتون ۽ آداب ............ 111
مِسواڪ (ڏنڊڻ) جون 22 سنتون ۽ آداب ............ 116
ننهن ڪٽڻ جا 10 مدني گل ............ 118

لباس جي باري ۾ 17 سنتون ۽ آداب ........ 120
عمامي جا 25 مدني گل ........ 123
منڊي پائڻ جون 19 سنتون ۽ آداب ........ 125
عقيقي جون 25 سنتون ۽ آداب ........ 127
نالو رکڻ جي باري ۾ 18 سنتون ۽ آداب ........ 132
سفر جون 35 سنتون ۽ آداب ........ 136
عيادت جون 33 سنتون ۽ آداب ........ 141
ڪفن جون 16 سنتون ۽ آداب ........ 146
ڪفن پارائڻ جي نيت ........ 147
سنت ڪفن ........ 147
ڪفن جو تفصيل ........ 148
ڪفن پارائڻ جو طريقو ........ 149
جنازي جي باري ۾ 15 سُنّتون ۽ آداب ........ 150
قبر ۽ دفن جون 22 سنتون ۽ آداب ........ 152
قبرستان جي حاضري جون 21 سنتون ۽ آداب ........ 156
مبلّغن ۽ مبلّغات جي خدمت ۾ معروضات ........ 160

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# 550 سنتون ۽ آداب

يارَبَّ الۡمصطفٰي! جيڪو به هن رسالي جا مڪمل صفحا پڙهي يا ٻڌي ونئي ان کي جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ. اٰمين

## دُرُود شريف جي فضيلت

**فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قِيامت جي ڏينهن **الله** پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانوَ نه هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايائون: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي **سنّت** کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو.“ (1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب        صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

حضرت امام ضحّاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: دنيا ۾ سنت جو مثال ايئن آهي جيئن آخرت ۾ جنت جو، لهٰذا جهڙي طرح جنت ۾ داخل ٿيڻ

وارو سلامت رهندو، اهڙي طرح دنيا ۾ سنت جي پابندي ڪرڻ وارو پڻ سلامت رهندو.[(2)]

**مختلف عنوانن تي** ”550 سنتون ۽ آداب“ قبول فرمايو، پيش ڪئي ويندڙ هر شيء ڪي سنت نہ چيو وڃي، تي سگهي ٿو انهن ۾ سنتن ڪان علاوه بزرگانِ دين سان منقول ڳالهيون بہ هجن. هي مسئلو پنهنجي ذهن ۾ ويهاريو تہ جيستائين يقيني طور تي معلوم نہ ٿي وڃي ڪنهن عمل کي ”سنت رسول“ نٿا چئي سگهون.

**مُبَلِّغن ۽ مُبَلِّغات** جي بارگاهہ ۾ عرض آهي تہ پنهنجي سنتن ڀريي بيان جي آخر ۾ موقعي مناسبت سان هن رسالي ۾ ڏنل ڪنهن بہ هڪ عنوان مان سنتون ۽ آداب بيان فرمايو، هر عنوان ڪان پهريان ۽ بعد ۾ ڏنل عبارت پڙهي ٻڌايو.

**اي عاشقانِ رسول!** بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[(3)]

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# هلڻ جون 15 سنتون ۽ آداب

(1) **سيپاري** 15 سوره‍ۂ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَلَا تَمْشِ فِي الْأَرْضِ مَرَحًا ۚ إِنَّكَ لَن تَخْرِقَ الْأَرْضَ وَلَن تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُولًا ﴿٣٧﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل، بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگھندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.

(2) ”**بهار شريعت**“ **جلد** 3 **صفحي** 435 تي **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص ٻہ چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گھمنڊ (تڪبر) ۾ هو، اهو زمين ۾ دٻايو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ دٻايو ئي ويندو.[4] (3) سروَرِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن هلندي پنهنجي ڪنهن صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو هٿ پنهنجي مبارڪ هٿ سان پڪڙيندا هئا.[5] (4) **رسولِ اڪرم**، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلندا هئا تہ تورو اڳتي جهڪي هلندا هئا ڄڻ تہ پاڻ متان ڪان هيٺ پيا لهن.[6] (5) گلي ۾ سون يا ڪنهن ٻہ ڌاتو (يعني ميٽل) جي زنجِيرَ (Chain) پائي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ گلو کولي هرگز نہ هلو چوتہ هي بيوقوفن، مَغرُورن ۽ فاسِقن جي چال آهي، گلي ۾ سون جي چين يا ڪنگڻ (Bracelet) پائڻ مرد جي لاءِ حرام ۽ ٻين ڌاتوئن جي بہ ناجائز آهي (6) جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي هڪ پاسي تان وچٽري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن کڄن تہ تکڙو تکڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي

جو ڏسڻ واري کي بيمار لڳو، اَمرَد (يعني اهو نوجوان ڇوڪرو جنهن کي ڏاڙهي مُڇ نہ نڪتي هجي) يا خوبصورت نوجوان ڇوڪري جو هٿ نہ پڪڙيو، شهوت سان ڪنهن بہ مرد جو هٿ پڪڙڻ يا مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) يا گلي ملڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي (7) رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، نگاهہ هيٺ جهڪائي باوقار طريقي سان هلو. **حڪايت:** حضرت سيِّدُنا حَسَّان بن اَبي سِنان رَحمَةُ اللهِ عليهِ عيد جي نماز لاءِ ويا، جڏهن گهر موٽيا تہ گهرواريءَ چوڻ لڳي: اڄ ڪيتريون عورتون ڏٺيون؟ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عليهِ **خاموش رهيا، جڏهن ان گهڻو اصرار ڪيو تہ فرمايائون: ”گهر مان نڪرڻ کان توهان وٽ واپس موٽڻ تائين مان پنهنجي (پيرن جي) آڱوٺن ڏانهن ئي ڏسي رهيو هئس.“**[7] سُبحٰنَ الله الله وارا رستي تان گذرندي بلاضرورت خاص ڪري رش جي موقعي تي هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسندا هئا متان ائين نہ ٿئي جو شرعاً جنهن جي اجازت ناهي ان تي نظر پئجي وڃي! اها ان بزرگ رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِ جي تقويٰ هئي، شرعي مسئلو هي آهي تہ ڪنهن عورت تي اوچتو نظر پئجي وڃي ۽ هڪدم نظر ہي پاسي ڪري تہ گنهگار ناهي (8) ڪنهن جي گهر جي گيلري يا دريءَ ڏانهن بلا ضرورت نظر ڪٽي ڏسڻ مناسب ناهي (9) هلڻ يا ڏاڪڻ تان چڙهڻ لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي (10) رستي تي بہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ لنگهو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي[8] (11) راهہ تان هلندي بينل بلڪ وينل هجڻ جي صورت ۾ بہ ماڻهن جي سامهون ٿُڪون اڇلائڻ، نڪ صاف

ڪرڻ، ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ڪن ڪنهڻ، بدن جو مَرُ آڱر سان صاف ڪرڻ، پردي جي جڳهه ڪنهڻ وغيره تهذيب جي خلاف آهي (12) ڪجھ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيءِ سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي (13) پيادل هلڻ ۾ گاڏين جي اَچ وَڃ جي موقعي تي رستو پار ڪرڻ لاءِ مُيَسّر هجي تہ "زَيبرا ڪراسنگ" يا "اَووَر هيڊ پل" (يعني رستو پار ڪرڻ واري پل) استعمال ڪيو (14) جنهن پاسي کان گاڏيون اچي رهيون هجن ان پاسي نهاريندي رستو پار ڪيو، جيڪڏهن اوهان وچ رستي تي آهيو ۽ گاڏي اچي رهي هجي تہ پچڻ کان بهتر آهي اتي بيهي رهي انهيءَ ۾ وڌيڪ حفاظت آهي پڻ ريل گاڏي جي گذرڻ جي وقت پٽڙي تان گذرڻ پنهنجي موت کي دعوت ڏيڻ آهي ۽ ريل گاڏي کي گهٽو پري سمجهي گذرڻ وارن کي جلدي يا بي خيالي ۾ ڪنهن تار ۾ پير ڦاسڻ جي صورت ۾ مٿان کان ريل گذرڻ جي خطري کي سامهون رکڻ گهرجي ۽ ڪجھ اهڙين جڳهن تي گذرڻ خلافِ قانون هوندو آهي خاص ڪري اسٽيشن تي، هنن قانونن تي عمل ڪيو (15) عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان ڪوشش ڪري روزانو **منو ڪلاڪ** ذڪر ۽ درود پڙهندي پيادل هلو، صحت اِنْ شَآءَاللّٰه بهتر رهندي **هلڻ جو بهتر طريقو** هي آهي تہ شروع ۾ 15 منٽ تيز تيز، پوءِ 15 منٽ درميانہ ۽ آخر ۾ 15 منٽ تيز قدم هلو، ائين هلڻ سان

سجي جسم کي ورزش ملندي، اِنْ شَآءَاللّٰه هاضمي جو نظام درست رهندو، گيس، قبض، موٽاپ ۽ دل جي بيمارين ۽ ٻين بيشمار بيمارين کان اِنْ شَآءَاللّٰه حفاظت ٿيندي.

**سنتون سکڻ جي لاءِ** مڪتبة المدينہ جي ڪتاب"**بهار شريعت**" جلد 3 حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتون ۽ آداب**" خريديو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں گی شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جُتي پائڻ جا 7 آداب

﴿1﴾ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جُتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جُتي پاتل هوندي آهي جڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي آهي)[(9)] ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين چنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا ٻتري وغيره هجي تہ نڪري وڃي. **حڪايت:** چون ٿا ڪنهن جڳهہ دعوت کان فارغ ٿي هڪ صاحب جيئن ئي جُتي پاتي تہ رڙ نڪري ويس ۽ پيرن مان رت نڪرڻ لڳس! دراصل ڳالهہ هي ٿي جو کاڌي جي دوران ڪنهن ڇُهنبياري هڏي اڇلي تہ اها جُتي جي اندر هلي وئي ۽ پائڻ واري جتي چنڊڻ بغير پاتي تہ پير زخمي ٿي پيو ﴿3﴾ سنت اها آهي تہ پهريان ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ

وقت پهرين کاٻو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي:”جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي ته ساڄي پاسي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي ته کاٻي پاسي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي ته جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي“[10] نُزهَةُ القاري ۾ آهي: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت حڪم هي آهي ته پهريان ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري ته پهرين کاٻو پير ٻاهر ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جو حل هن طرح ارشاد فرمايو آهي: ”جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو ته پهرين کاٻو پير ڪڍي ڪري جُتي جي مٿان رکي پوءِ ساڄو پير جُتي مان ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿئي، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو ته کاٻو پير ٻاهر ڪڍي جُتي تي رکو پوءِ ساڄو پير ڪڍي ڪري ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو پائي ونو.“[11]حضرت سيّدنا ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص هميشه جتي پائڻ وقت ساڄي پير کان ۽ لاهڻ وقت کاٻي پير کان ابتدا ڪري اهو **تريءَ جي بيماري** کان محفوظ رهندو.“ [12]﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن حضرت بي بي عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ مرداڻي(يعني مرد سان مُشابهت ڪرڻ واري) عورتن تي لعنت فرمائي آهي.[13]يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نه پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ فرق ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع اختيار ڪرڻ (يعني نقالي ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نه مرد عورت جي نقل ڪري نه عورت مرد جي.[14]﴿6﴾ جڏهن ويهو ته جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو

آهي. ﴿7﴾ استعمال واري جُتي اُبتي پيل هجي ته ان کي سڌي ڪريو. (تنگدستي جو هڪ سبب هي به آهي ته اونڌي جوتي کي ڏسڻ ۽ ان کي سڌو نه ڪرڻ.)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ويهڻ جا 18 مدني گل

(1) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جيڪي ماڻهو دير تائين ڪنهن** جڳهه وينا ۽ **اللّٰه** پاڪ جي ذِڪر ۽ نبيءِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پڙهڻ کان بغير اُٿان اُٿي ويا ته انهن نقصان ڪيو جيڪڏهن **اللّٰه** پاڪ چاهي ته عذاب ڏي ۽ چاهي ته بخشي ڇڏي.[15] (2) حضرتِ سيّدنا ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا ته مون **سرڪار دوعالم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪعبي شريف جي اڱڻ ۾ اِحۡتِبا جي صورت ۾ تشريف فرما ڏٺو.[16] (3) **اِحۡتِبا** جو مطلب هي آهي ته ماڻهو ڏُڏ پر (يعني سرين پر) ويهي ۽ پنهنجي ٻنهي پِنين کي ٻنهي ٻانهن سان ڪڙو ناهي جهلي. اهڙي طرح ويهڻ تواضع (يعني عاجزي و انکساري) ۾ شمار ٿئي ٿو.[17] (4) انهيءَ دوران ٻلڪ جڏهن ته ويهو پردي جي جاين جي ڪيفيت نظر نه اچڻ گهرجي، تنهنڪري ”پردي ۾ پردي“ جي لاءِ گوڏن کان پيرن تائين چادر وڌي وجي جيڪڏهن ڪُڙتو سنت مطابق هجي ته ان جي دامن سان به ”پردي ۾ پردو“ ڪري سگهجي ٿو (5) **حُضور پُرنور** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن فجر جي نماز پڙهي وٺندا هئا ته پلٽي هڻي ويهي رهندا هئا ايستائين جو سج چڱي طرح اُڀري ويندو هو.[18] (6) **جامع ڪراماتِ اولياء** جلد اول جي صفحي 67 تي آهي: **امام يوسف نَبهاني** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي به زانو (يعني گوڏا ٻيجي جيئن نماز ۾ اَلتَّحيات

۾ ويهبو آهي ائين) ويهڻ جي عادت مبارڪ هئي (7) نماز کان ٻاهر ٻه ٻه زانو يعني گوڏا پيجي ويهڻ افضل آهي.[19] (8) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: "مجلسن ۾ سيني کان مُڪرَّم (يعني عزت واري) مجلس اُها آهي جنهن ۾ قبلي جي طرف منهن ڪيو وڃي."[20] (9) حضرتِ سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللّٰه عَنْهُمَا اڪثر قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا.[21] (10) مبلغ ۽ مدرس جي لاءِ بيان ۽ تدريس دوران سنّت هي آهي ته پُٺ قبلي جي طرف رکن ته جيئن انهن کان علم جون ڳالهيون ٻڌڻ وارن جو رخ قبلي جي طرف ٿي سگهي. جيئن ته حضرتِ سيّدنا علامہ حافظ سخاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نبيءِ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبلي ڏانهن ان ڪري پُٺ فرمائيندا هئا ته جيئن پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي علم سيکاري رهيا آهن يا وعظ فرمائي رهيا آهن انهن جو رخ قبلي جي طرف رهي.[22] (11) سرورِ ڪونين صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪنهن به مجلس ۾ ڪنهن جي طرف پير ڦهلائي نه ويهندا هئا نه اولاد جي طرف، نه پاڪ گهروارين جي طرف، نه غلامن خادمن جي طرف.[23] (12) حضرتِ سيّدنا امامِ اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون پنهنجي محترم استاد حضرتِ سيّدنا حمّاد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي احترام ۽ تعظيم خاطر ڪڏهن به سندن گهر ڏانهن پير نه ڊگهيڙيا، (جڏهن ته حضرتِ سيّدنا امامِ اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي گهر مبارڪ ۽ استاد صاحب جي گهر مبارڪ ۾ ڪجهه گهٽين جو فاصلو هو).[24] (13) اچڻ واري جي لاءِ سِرڪڻ حديث مان ثابت آهي. "بهارِ شريعت" جلد 3 صفحو 432 تي حديث نمبر 6 آهي: هڪ شخص رسولُ الله صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ تشريف فرما هئا، حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان

شخص جي لاءِ پنهنجي جاءِ تان سرڪيا، هن عرض ڪيو: يا رسول الله (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ڪُشادي جڳهه موجود آهي (يعني حضور (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان کي سرڪڻ ۽ تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ناهي) ارشاد فرمايائون: مسلمان جو اهو حق آهي تہ جڏهن ان جو ڀاءُ کيس ڏسي تہ ان جي لاءِ سرڪي وڃي.[25] (14) **فرمانِ مصطفي** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ”جڏهن توهان مان ڪو ڇانوَ ۾ هجي ۽ ان تان ڇانوَ هٽي وڃي ۽ اهو ڪجهه (اُس) ڪجهه ڇانوَ ۾ هجي تہ ان کي گهرجي تہ اُتان کان اُٿي وڃي.[26] (15) منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: ”پير ۽ استاد جي نشست (يعني ويهڻ جي جاءِ) تي انهن جي غير موجودگي ۾ بہ نہ ويهي.“[27] (16) جڏهن ڪنهن اجتماع يا مجلس ۾ اچو تہ ماڻهن کي اورانگهي اڳتي نہ وڃو جتي جڳهه ملي اُتي ئي ويهي رهو (17) جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو، اوهان جي پيرن کي آرام ملندو.[28] (18) مجلس کان فارغ ٿي هي دعا ٽي دفعا پڙهو تہ خطائون مِٽايون وينديون آهن ۽ جيڪو اسلامي ڀاءُ مجلسِ خير ۽ مجلسِ ذڪر ۾ پڙهي تہ ان جي لاءِ اُن خير (يعني ڀلائي) تي مُهر لڳائي ويندي آهي. اها دعا هي آهي:

سُبۡحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمۡدِكَ، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنۡتَ، اَسۡتَغۡفِرُكَ وَاَتُوۡبُ اِلَيۡكَ[29]

ترجمو: تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ اي **الله** پاڪ! تنهنجي لاءِ ئي تمام خوبيون آهن، توکان سواءِ ڪو معبود ناهي، توکان بخشش چاهيان ٿو، ۽ تنهنجي طرف توبهہ ڪريان ٿو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب     صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ، لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ

ترجمو: **الله** پاڪ جي نالي سان، مون **الله** تي ڀروسو ڪيو. **الله** پاڪ کان سواءِ نہ (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نہ (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي.[30] اِنْ شَآءَاللّٰه انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندؤ مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله پاڪ جي مدد شاملِ حال رهندي ﴿2﴾ گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْۤ اَسْئَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ، وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ، بِسۡمِ اللّٰهِ وَلَجْنَا، وَبِسۡمِ اللّٰهِ خَرَجْنَا، وَعَلَى اللّٰهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا۔[31] [1]

دعا پڙهڻ کانپوءِ گهر وارن کي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ "سوره اِخلاص" شريف پڙهي. اِنْ شَآءَاللّٰه روزيءَ ۾ برڪت، ۽ گهريلو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو. ﴿3﴾ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مُحَرِّمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو ﴿4﴾ بنا **الله** پاڪ جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسۡمِ اللّٰهِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان بہ اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ﴿5﴾ جيڪڏهن اهڙي گهر (توڙي جو پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ

---

[1] ترجمو: اي **الله** پاڪ! مان تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، **الله** پاڪ جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهيءَ جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي پالڻهار **الله** پاڪ تي اسان ڀروسو ڪيو.

هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡنَ (يعني اسان تي ۽ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهيءَ سلام جو جواب ڏيندا.[32] يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوتہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي.[33] ﴿6﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ﴿7﴾ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان موٽي وڃو ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نہ ڏني هجي ﴿8﴾ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو ڪڙڪائي تہ سنت اها آهي تہ پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي تہ پنهنجو نالو ٻڌائي: مثال طور چوي: "محمد الياس" نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي "مدينہ!" "آئون آهيان!" "دروازو کوليو" وغيره چوڻ سنّت ناهي ﴿9﴾ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو تہ جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نہ پوي ﴿10﴾ ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ منع آهي. ڪجھ ماڻهن جي گهرن جي سامهون هيٺئين پاسي ٻين جا گهر هوندا آهن تنهنڪري گيلري وغيره مان جهانڪڻ وقت ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي جو انهن جي گهرن ۾ نظر نہ پوي ﴿11﴾ ڪنهن جي گهر وڃو تہ اُتان جي انتظامن تي بيجا تنقيد نہ ڪريو جو تہ ان سان سندس دل آزاري ٿي سگهي ٿي ﴿12﴾ واپسيءَ تي گهر وارن جي باري ۾ دعا بہ ڪريو ۽ شڪريو بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ۽ ٿي سگهي تہ ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

# پاڙيسري جي باري ۾ 15 سنتون ۽ آداب

8 **فرامينِ مصطفي** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ: (1) الله پاڪ نيڪ مسلمان جي سبب سندس پاڙي جي سؤ گھرن تان مصيبت هٽائي ڇڏيندو آهي. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ هي آيت مبارڪ تلاوت فرمائي:

وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ[34]

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن ۾ هڪڙن جي ذريعي ٻين کي دفع نه ڪري ته ضرور زمين تباهه ٿي ويندي". [35]

(2) **الله** پاڪ جي ويجهو بهترين پاڙيسري اهو آهي جيڪو پنهنجي پاڙيسري جو خير خواهه هجي.[36] (3) اهو جنت ۾ نه ويندو، جنهن جو پاڙيسري ان جي تڪليفن کان اَمن ۾ نه رهيو[37] (4) اهو مومن ناهي جيڪو پاڻ پيٽ ڀري کائي ۽ ان جو پاڙيسري سندس ڀر ۾ بکايل رهي[38] يعني ڪامل مومن ناهي (5) جنهن پنهنجي پاڙيسري کي اِيذاء ڏنو ان مون کي اِيذايو ۽ جنهن مون کي اِيذايو ان **الله** پاڪ کي اِيذايو.[39] (6) جبرائيل(عَلَیْہِ السَّلَام) مون کي پاڙيسري جي باري ۾ برابر وصيت ڪندا رهيا، ايستائين جو مون کي گمان ٿيو ته پاڙيسري کي وارث بڻائي ڇڏيندا[40] (7) جيڪو شخص الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو، ان کي گهرجي ته اهو پاڙيسري کان سٺي اخلاق سان پيش اچي[41] (8) چاليهه گهر پاڙيسري آهن.[42] حضرت سيّدنا امام زهري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هن مان چئني پاسي جا چاليهه چاليهه گهر مراد آهن.[43] ''نُزهةُ القاري'' ۾ آهي: پاڙيسري ڪير آهي ان

ڪي هر شخص پنهنجي عُرف ۽ معاملي سان سمجهي سگهي ٿو[44](9)
حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن
ٿا: پاڙيسري جي حقن مان هيءُ به آهي ته ان کي سلام ڪرڻ ۾ پهل
ڪري. ان کان ڊگهي گفتگو نه ڪري، ☆ ان جي حالات جي باري ۾
وڌيڪ پڇاڙو نه ڪري.☆ هو بيمار هجي ته ان کي پڇڻ وڃي، ☆
مصيبت جي وَقت ان جي غم خواري ڪري ۽ ان جو ساٿ ڏئي.☆
خوشي جي موقعي تي ان کي مبارَڪ باد ڏئي ۽ ان سان خوشي ۾
شرڪت ظاهر ڪري. ☆ ان جي غلطين کي در گذر ڪري ،☆ چت
تان ان جي گهر ۾ نه ڏسي،☆ ان جي گهر جو رستو تنگ نه
ڪري.☆ هو پنهنجي گهر ۾ جيڪو ڪجهه وٺي وڃي رهيو آهي ان
کي ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪري. ☆ ان جي عيبن تي پردو وجهي، ☆
جيڪڏهن اهو ڪنهن حادِثي يا تڪليف جو شڪار هجي ته هڪدم
ان جي مدد ڪري.☆ جڏهن هو گهر ۾ موجود نه هجي ته ان جي گهر
جي حفاظت کان غفلت نه ڪري. ☆ ان جي خلاف ڪا ڳالهه نه ٻڌي ۽
ان جي گهروارن کان نگاهن کي پست (يعني هيٺ) رکي. ☆ اُن جي
ٻارن سان نَرم گُفتگو ڪري،☆ ان کي جن ديني يا دُنيوي اُمور جو
علم نه هجي ان جي باري ۾ انهن جي رَهنمائي ڪري.[45] (10) **حڪايت:**
حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه جي خدمت ۾ هڪ شخص عرض
ڪيو: منهنجو هڪ پاڙيسري آهي جيڪو مون کي تڪليف پهچائي
ٿو، مون کي گاريون ڏي ٿو ۽ مون تي سختي ڪري ٿو. فرمايائون:

جيڪڏهن ان توهان جي باري ۾ الله پاڪ جي نافرماني ڪئي آهي ته توهان ان جي باري ۾ الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪيو.[46]

(11) حڪايت: هڪ بزرگ جي گهرن ۾ ڪوئن جي ڪثرت هئي، ڪنهن عرض ڪيو: حضرت! جيڪڏهن اوهان ٻلي رکو ته تمام سنو آهي. فرمايائون: مون کي ڊپ آهي ته ڪوئو ٻليءَ جو آواز ٻڌي پاڙيسري جي گهر ۾ نه هليو وڃي هن طرح مان ان جي لاءِ اها ڳالهه پسند ڪرڻ وارو ٿي ويندس جنهن کي مان پاڻ لاءِ پسند نٿو ڪيان.[47] (12) منقول آهي: فقير پاڙيسري قيامت جي ڏينهن مالدار پاڙيسري جو دامن پڪڙي چوندو: اي منهنجا رب! هن کان پڇ هن مون کي پنهنجي سني سلوڪ کان ڇو محروم ڪيو ۽ مون تي پنهنجو دروازو ڇو بند ڪيو.؟[48] (13) هڪ شخص عرض ڪيو: **يارسولَ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! فُلاڻي عورت سڄي رات عبادت ڪري ٿي، ڏينهن جو روزو رکي ٿي، وڏي نيڪ آهي، صدقو خيرات به گهڻو ڪري ٿي، پر هوءَ پنهنجي زبان سان پاڙيسرين کي تڪليف پهچائي ٿي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اها جهنم ۾ آهي. انهن عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! فُلاڻي عورت جي باري ۾ گهڻو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته ان جي(نفل) روزن صدقن ۽ نماز ۾ ڪمي آهي ۽ اها پنير(CHEESE) جا ٽڪڙا صدقو ڪري ٿي ۽ پنهنجي زبان سان پاڙيسرين کي تڪليف ناهي ڏيندي. ارشاد فرمايائون: اها جنّت ۾ آهي.[49] (14) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! پاڙيسري ٽي قسم جا آهن: ڪجهه جا ٽي حق آهن ڪجهه جا ٻه ۽ ڪجهه جو هڪ حق آهي، جيڪي پاڙيسري مسلمان ۽

رشتيدار هجن. ان جا ٽي حق آهن: پاڙيسري هجڻ جو حق، اسلام جو حق ۽ رشتيداري جو حق، پاڙيسري مسلمان جا ٻہ حق آهن: پاڙيسري هجڻ جو حق، اسلام جو حق ۽ پاڙيسري ڪافر جو صرف هڪ حق، پاڙيسري هجڻ جو حق[50] (15) **حڪايت:** حضرت **بايزيد بسطامي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو هڪ پاڙيسري ڪافِر هو، هڪ ڀيري هو ڪٿي سَفر تي ويو، ان جا ٻار ٻچا گهر ۾ ئي هئا، رات ٿي تہ حضرت **بايزيد بسطامي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي ڪافِر پاڙيسري جي گهران ٻار جي روئڻ جو آواز آيو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پڇا ڪئي تہ ٻار ڇو روئي رهيو آهي، خبر پئي: پاڙيسري جي گهر ۾ چراغ نہ آهي، ٻار اونداهي ۾ گهٻرائي ٿو، ان ڪري روئي پيو، حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جلدي مان هڪ چراغ ۾ تيل وجهي ڪافِر پاڙيسري جي گهر موڪلي ڏنو، پوءِ جيستائين پاڙيسري سَفر تان نہ موٽيو، پاڻ روزانو چراغ ۾ خُوب تيل وجهي ان جي گهر موڪليندا هئا. جڏهن هو ڪافِر پاڙيسري سَفَر تان موٽيو تہ ان جي زال حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي حُسْنِ سلوڪ جو سڄو واقعو ٻڌايو. هن ڪافر چيو تہ جنهن گهر ۾ بايزيد جو چراغ اچي ويو، اتي(ڪفر جي) اونداهي ڇو رهي؟ سيئي گهر ڀاتي مسلمان ٿي ويا.[51]

## پاڻي پيئڻ جا 13 مدني گل

ٻہ **فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو، بلڪ ٻہ يا ٽي ڀيرا (ساهہ کڻي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ چوندا ڪريو.[52] (2) نبيِّ اَڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿانوءَ ۾ ساهہ کڻڻ يا ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو آهي.[53]

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه هن حديث شريف جي حوالي سان فرمائن ٿا: ٿانوَ ۾ ساهه ڪڍڻ جانورن جو ڪم آهي، ۽ ساهه ڪڍڻ زهريلو به هوندو آهي انهيءَ ڪري ٿانوَ کان وات پري ڪري ساهه ڪڍو (يعني ساهه ڪڍڻ مهل گلاس جدا ڪيو) گرم کير يا چانهه کي ڦوڪن سان ٿڌو نہ ڪيو بلڪ ڪجهه دير صبر ڪري ڪجهه ٿڌي ٿيڻ کان بعد پيئو.[54] البت دُرود پاڪ وغيره پڙهي شِفا جي نيّت سان دم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي (3) پيئڻ کان پهرين بِسۡمِ الله پڙهو (4) چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ پريو، وڏا ڍُڪ پَرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي (5) پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو (6) ويهي ڪري ۽ ساڄي هٿ سان پاڻي پيئو (7) ڪؤنري وغيره مان وضو ڪيو تہ ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي جو اهو آبِ زم زم شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان ٻنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زم زم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو بہ پاڻي بيهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي.[55] اهي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي پيئو (8) پيئڻ کان پهرين ڏسو تہ پيئڻ جي ٿانوَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره تہ ناهي[56] (9) پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چئو (10) حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بِسۡمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه ٻي کان پوءِ اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۽ ٽين کان پوءِ اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي.[57] هي هڪ سنو ڪم آهي نہ بہ ڪيو تہ حرج ناهي ۽ شروع ۾ بِسۡمِ الله ۽ آخر ۾ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوڻ سان بہ سنت ادا ٿي ويندي (11) گلاس مان بچيل

مسلمان جي اَوبر واري صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اچلائڻ نہ کپي (12) منقول آهي: سُؤرُ المُؤمِنِ شِفاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي.[58] (13) پيئڻ جي ڪجھ گھڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا تہ ان جي پاسن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي بہ پي ڇڏيو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## کائڻ جون 32 سنتون ۽ آداب

(1) **کاڌو** صرف لذت (TASTE) جي لاءِ نہ کاڌو وڃي بلڪ کائيندي وقت هي نيت ڪري وٺو: "**اللّٰه** پاڪ جي عبات تي قوّت حاصل ڪرڻ جي لاءِ کائي رهيو آهيان" (2) **بک کان گھٽ کائڻ** گھرجي ۽ بک بلڪل باقي نہ رهي ايترو کاڌو کائي وٺڻ مباح آهي يعني نہ ثواب آهي نہ گناھ، چو تہ ان جو بہ صحيح مقصد تي سگھي ٿو تہ طاقت گھٽي ٿيندي. ۽ **بک کان وڌيڪ کائڻ حرام آهي**. وڌيڪ جو اهو مطلب آهي تہ ايترو کائڻ جنهن سان پيٽ خراب ٿيڻ جو غالب گمان آهي، مثال طور دست تي پوندا ۽ طبيعت بدمزاج تي پوندي.[59] اهڙي طرح تندرست ماڻهو جو اهڙي غذا استعمال ڪرڻ گناھ آهي جنهن سان بيمار تي پوڻ جو غالب گمان هجي ائين ئي مريض جي اهڙي بدپرهيزي ڪرڻ جنهن سان مرض وڌي وڃڻ جو غالب گمان هجي. مثال طور تجربي کان ثابت هجي (3) بک کان گھٽ کائڻ بيشمار فائدن جو مجموعو آهي جو تقريبًا 80 فيصد بيماريون خوب پيٽ پري کائڻ سان ٿينديون آهن. تنهنڪري اجان بک باقي هجي تہ

هٿ روڪي ونو (4) ڳهٽي دسترخوان تي عبارت لکيل هوندي آهي(مثال طور شعر يا ڪمپني وغيره جو نالو) اهڙي دسترخوانن کي استعمال ۾ آڻڻ، انهن تي کاڌو کائڻ نہ گهرجي.[60] (5) **کاڌو کائڻ کان پهريان** ۽ بعد ۾ پنهنجا ٻئي هٿ ڪارائين تائين ڌوئڻ سنت آهي.[61] (6) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! کائڻ کان پهريان ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ (يعني ڪارائين تائين ٻئي هٿ ڌوئڻ) **رزق ۾ ڪشادگي ڪندو** ۽ شيطان کي پري ڪندو آهي.[62] (7) کاڌوکائڻ وقت جوتا لاهي ڇڏيو جو ائين ڪرڻ سان پيرن کي آرام ملندو. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”**جڏهن** توهان کاڌو کائڻ جي لاءِ ويهو تہ جوتا لاهي ويهو چوتہ هي توهان جي پيرن لاءِ آرام جو باعث آهي.“[63] (8) کاڌو کائڻ وقت کاٻو پير وڇايو ۽ ساڄو گوڏو اُڀو رکو يا ڌُڙ تي ويهو ۽ ٻئي گوڏا اُڀا رکو.[64] يا ٻنهي پيرن جي پٺ تي گوڏن ڀر ويهو[65] (9) اسلامي ڀاءُ هجي يا اسلامي ڀيڻ جڏهن کائڻ جي لاءِ ويهن تہ چادر يا ڪرتي جي دامن جي ذريعي **پردي ۾ پردو ضرور ڪن** (10) ٻوڙ يا چٽڻيءَ جي پيالي مانيءَ تي نہ رکو[66] (11) مٿو اگهاڙو ڪري کائڻ اَدب جي خلاف آهي ۽ ان سان رزق ۾ تنگي ٿيندي آهي. (12) کاٻي يعني اُبتي هٿ کي زمين تي ٽيڪ ڏئي کائڻ مڪروه آهي[67] (13) **مٽي جي ٿانوَ** ۾ کائڻ افضل آهي چوتہ جيڪو پنهنجي گهر ۾ **مٽي جا ٿانوَ** ٺهرائيندو آهي ملائڪ ان گهر جي زيارت ڪرڻ لاءِ ايندا آهن[68] (14) دسترخوان تي سبزي هجي تہ ملائڪ نازل ٿيندا آهن[69] (15) کاڌي کان پهريان هيءَ دعا پڙهي وڃي تہ جيڪڏهن کاڌي ۾ زهر بہ هوندو تڏهن بہ اِنْ شَآءَاللّٰه ڪو اثر نہ ڪندو: دعا هي آهي:

بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ، وَ لَا فِی السَّمَآءِ، یَا حَیُّ یَا قَیُّوۡمُ (70)[1] "ترجمو: **الله** جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪابه شيءِ نقصان نہ ٿي پهچائي سگهي. اي هميشہ کان زنده ۽ قائم رهڻ وارا." (71) (16) جيڪڏهن شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻ وسري وڃي تہ ڪاڌي جي وچ ۾ ياد اچڻ تي ايئن چئي وٺو: بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ ترجمو: **الله** پاڪ جي نالي سان ڪاڌي جي شروعات ۽ هن جو ختم ٿيڻ (17) شروع ۽ آخر ۾ لوڻ ڪائڻ جو سنت آهي ۽ ان سان 70 **بيماريون دور ٿينديون آهن.**" (72) اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نمڪين(چهَرين شين) ڪائڻ کي لوڻ جي حڪم ۾ ورتو آهي" (73) (18) **ساجي** هٿ سان ڪائو، ڪابي هٿ سان ڪائڻ، پيئڻ، وٺڻ، ڏيڻ، **شيطان جو طريقو آهي.** اڪثر اسلامي پائر گرهہ تہ ساجي هٿ سان ئي ڪائيندا آهن، پر جڏهن وات جي هينان ڪابو هٿ رڪندا آهن تہ ڪجهہ داڻا ان ۾ ڪرندا آهن ۽ اهي ڪابي ئي هٿ سان وات ۾ وجهندا آهن. اهڙي ئي طرح دسترخوان تي ڪريل داڻا ڪابي هٿ سان ڪائيندا آهن، انهن کي گهرجي تہ هو ڪابي هٿن جا داڻا ساجي هٿ ۾ رکي ئي وات ۾ وجهن (19) ڪابي هٿ ۾ ماني پڪڙي ڪري ساجي هٿ سان ٽوڙڻ **تڪبر** دور ڪرڻ جي لاءِ آهي" (74) اڪيلو ڪائيندي هٿ وڏائي ڪري ٿالهہ يا پاڇيءَ جي ٿانوَ جي بلڪل وچ ۾ مٿي ڪري ماني ۽

---

[1] جنهن دعا ۾: "یَا حَیُّ یَا قَیُّوۡمُ" جي بدران "وَهُوَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡم" آهي، ان دعا جي فضيلت "ترمذي" ۽ "ابن ماجہ" ۾ هن طرح آهي، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو ٻانهو روزانو صبح ۽ شام ٽي ڀيرا هي ڪلما چوي: "بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَ لَا فِی السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡم" تہ ان کي ڪا شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي. (70)

ڊبل روٽي وغيره کي ٽُڪرا ڪرڻ جي عادت بڻايو، اهڙيءَ ريت مانيءَ جا ذرا پاڇيءَ ۾ ئي ڪِرندا. نہ تہ دسترخوان تي ڪري ضايع ٿي سگھن ٿا. (20) **ٽن آڱرين** يعني وچين، شهادت واري ۽ آڱوٺي سان کاڌو کائو جو اها انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سنّت آهي، جيڪڏهن چانورن جا داڻا ڌار ڌار هجن ۽ ٽن آڱرين سان گرھ ناهڻ ممڪن نہ هجي تہ چئن يا پنجن آڱرين سان کائي سگھجي ٿو. (21) **گرھ** ننڍو کڻو ۽ ان احتياط سان تہ بَچ بَچ جو آواز پيدا نہ ٿئي ۽ چڱيءَ ريت چباڙي کائو جيڪڏهن چڱيءَ ريت چباڙڻ بنا ڳهي ويندؤ تہ هضم ڪرڻ ۾ معدي کي سخت تڪليف ٿيندي ۽ ائين طرح طرح جي بيمارين کي منهن ڏيڻو پئجي سگھي ٿو، تنهن ڪري **ڏندن** جو (**چباڙڻ وارو**) ڪم **آنڊن** کان نہ وٺو (22) هر ٻن گرهن جي وچ ۾ **يَاوَاجِدُ** پڙهڻ سان پيٽ ۾ نور پيدا ٿيندو آهي ۽ بيماري دور ٿيندي آهي (23) **ڪائي وٺڻ کان پوءِ** سڀ کان پهريان وچين پوءِ شهادت واري ۽ پوءِ آڱوٺو چٽيو. **سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کاڌي کان بعد مبارڪ **آڱرين کي ٽي ڀيرا چٽيندا هئا** [75] (جيڪڏهن ٽي ڀيرا چٽڻ کان بعد بہ آڱرين تي غذا جو اثر باقي رهي تہ وڌيڪ ايترا ڀيرا چٽيو جو غذا جو اثر ويندو رهي.) (24) **ٿانءُ** بہ چٽي ڇڏيو، حديثِ پاڪ ۾آهي، "کاڌي کان پوءِ جيڪو شخص ٿانءُ چٽيندو آهي تہ اهو ٿانءُ ان جي لاءِ دعا ڪندو آهي ۽ چوندو آهي، **الله** تعاليٰ توکي جهنم جي باھ کان آزاد ڪري جيئن تو مون کي شيطان کان آزاد ڪيو.[76] ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ٿانءُ ان جي لاءِ **استغفار**(يعني مغفرت جي دعا) ڪندو آهي[77] (25) **حجةالاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو کاڌي جو ٿانءُ چٽيندو ۽ ڌوئي ڪري ان جو پاڻي پيئندو ان

ڪي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي. ۽ ڪريل ٽڪرن ڪي ڪٺي ڪائڻ جنت جي حورن جو مهر آهي.[78] (26) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”جيڪوشخص ڪاڌي جا ڪِريل ذرا ڪٺي ڪري ڪائيندو اهو ڪشادگي واري زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جي اولاد ۾ خيريت رهندي آهي“[79] (27) ڪاڌي ڪان بعد ڏندن جو خلال ڪيو.(28) **ڪاڌي** ڪان بعد اول آخر درود شريف سان گڏو گڏ هي **دعا** بہ پڙهو:”اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِیْ اَطْعَمَنَا وَسَقَانَا، وَجَعَلَنَا مُسْلِمِیْن“ ترجمو: **الله** پاڪ جو شڪر آهي جنهن اسان کي کارايو، پيياريو ۽ اسان کي مسلمان بڻايو. (29) جيڪڏهن ڪنهن کارايو هجي تہ هيءَ دعا بہ پڙهو. ”اَللّٰھُمَّ اَطْعِمْ مَنْ اَطْعَمَنِیْ، وَاسْقِ مَنْ سَقَانِیْ“ ترجمو: اي الله پاڪ ان کي کاراءِ جنهن مون کي کارايو ۽ ان کي پيئار جنهن مون کي پيئاريو[80] (30) ڪاڌو ڪائڻ ڪان پوءِ سورت اخلاص ۽ سورت قريش پڙهو[81] (31) **ڪائڻ** ڪان پوءِ هٿ چڱيءَ طرح صابڻ سان ڌوئي ڪري اُگهي ڇڏيو. (32) حضرت سيّدنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ڪاڌي ڪان پوءِ وضو يعني ڪارائن تائين ٻئي هٿ ڌوئڻ جنون(يعني پاڳل پن) دور ڪري ٿو.[82]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مهمان نوازي جون 30 سنتون ۽ آداب

**مصطفيٰ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا اٺ (8) فرمانَ** (1) ”جيڪو الله پاڪ ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ مهمان جو احترام ڪري.[83] **مُفَسِّرِشَهِير**، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: **مهمان جو احترام**

اهو آهي تہ ان سان خنده پيشاني(يعني مسڪرائي چڱي طرح) ملي، هن جي لاءِ ڪاڏي ۽ بين خدمتن جو اهتمام ڪري جيستائين تي سگهي هٿ سان هن جي خدمت ڪري"[84] (2) جيڪو **الله** پاڪ ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ مهمان کي تڪليف نہ ڏئي"[85] (3) جڏهن ڪو **مهمان** ڪنهن وٽ ايندو آهي تہ پنهنجو رزق ڪٽي ايندو آهي ۽ جڏهن ان وٽان ويندو آهي تہ صاحبِ خانہ (يعني گهروارن) جا گناهہ بخشرائڻ جو سبب بڻبو آهي"[86] (4) جنهن نماز قائم ڪئي، زڪوٰت ادا ڪئي، حج ادا ڪيو، رمضان جا روزا رکيا ۽ مهمان جي مهمان نوازي ڪئي، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو"[87] (5) جيڪو شخص قدرت جي باوجود مهمان نوازي نٿو ڪري ان ۾ ڀلائي ناهي"[88] (6) انسان جي ڪم عقلي آهي جو هو پنهنجي **مهمان** کان خدمت وٺي[89] (7) سنّت هي آهي تہ انسان مهمان کي دروازي تائين ڇڏڻ وڃي"[90] (8) جنهن گهر ۾ کاڌو وڃي ان ۾ خير و برڪت تمام تيزي سان ايندي آهي سواءِ ان ڇري جي جيڪا اٺ جي ڪوهان تائين وڃي."[91]

**حديث جي شرح:** يعني جنهن گهر ۾ مهمان، زائرين، ملاقاتي ماڻهو کاڌو کائيندا رهن اتي برڪت رهندي آهي، نہ تہ گهروارا پاڻ تہ هر گهر ۾ ئي کائيندا آهن. اٺ جي ڪوهان ۾ هڏي ناهي هوندي چربي ئي هوندي آهي ان کي ڇري تمام جلدي ڪٽيندي آهي ۽ ان جي تهہ تائين پهچي ويندي آهي ان ڪري هن سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. يعني اهڙي گهر ۾ خير و برڪت تمام جلدي پهچندي آهي[92]

(9) حضرت بي بي خديجہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: "پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ رشتيدارن سان بهترين سلوڪ ڪندا آهن، مسافرن جي **مهمان نوازي ڪندا آهن** ۽ حق ۽ انصاف جي خاطر سيني جي مصيبتن ۾

مشڪلاتن ۾ ڪم ايندا آهن[93] (10) هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مان هڪ شخص وٽ ويس، ان منهنجي مهماني نه ڪئي، هاڻي اهو مون وٽ اچي ته ڇا مان ان سان بدلو وٺان؟ ارشاد فرمايائون: نه بلڪ توهان ان جي مهماني ڪيو[94] (11) حضرت سيّدنا عَطاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيّدُنا ابراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جو جڏهن ڪاڌو کائڻ جو وقت ايندو هو ۽ ڪو گڏ کائڻ وارو نه هوندو هو ته هڪ ميل يا ٻه ٻه ميل تائين ان جي تلاش ۾ نڪري ويندا هئا ته ڪو گڏ کائڻ وارو ملي وڃي[95] (12) حضرت سيّدنا عِڪرِمَه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيّدُنا ابراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جو لقب "اَبُوَ الضّيفان" (يعني وڏو مهمان نواز) مشهور هو، هن جي مڪان جا چار دروازا هئا ۽ اهي ڏسندا رهندا هئا ته ڪنهن دروازي سان ڪو اچڻ وارو اچي تو[96] (13) خادِمُ النّبي حضرت سيّدنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جنهن گهر ۾ مهمان ناهي ايندو ان ۾ رحمت جا ملائڪ ناهن ايندا[97] (14) حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جو مهمان اهو آهي جيڪو اسان سان ملاقات جي لاءِ ٻاهران (يعني ٻئي شهر يا ملڪ) مان اچي چاهي ان سان اسان جي واقفيت پهريان کان هجي يا نه هجي،

جيڪو اسان جي لاءِ پنهنجي ئي محلي يا پنهنجي ئي شهر مان ملڻ اچي ٻه چار منٽن جي لاءِ اهو ملاقاتي آهي مهمان ناهي. ان جي خاطرداري (مثال طور چڱي طرح ملڻ، چانهه پاڻي پيارڻو هجي) ته پياريو پر ان جي دعوت ناهي ۽ جيڪو ناواقف شخص پنهنجي ڪم جي لاءِ اسان وٽ اچي اهو مهمان ناهي جيئن حاڪم يا مفتي وٽ مقدّمي

وارا يا فتوٰي ونڻ وارا ايندا آهن اهي حاڪم(يا مفتي) جا مهمان ناهن [98] (15) مهمان کي گهرجي ته پنهنجي ميزبان جي مصروفيتن ۽ ذِمّيدارين جو لحاظ رکي (16) **بهارِشريعت جلد** 3 صفحو 391 تي حديث نمبر 14 آهي: جيڪو شخص الله (پاڪ) ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو، اهو مهمان جي تعظيم ڪري، هڪ ڏينهن رات ان جو جائزو آهي (يعني هڪ ڏينهن ان جي پوري خاطرداري) ڪري، جيستائين ممڪن هجي ان جي لاءِ اهتمام سان کاڌو تيار ڪرائي ۽ مهمان نوازي ٽي ڏينهن آهي(يعني هڪ ڏينهن کان بعد اهتمام نه ڪري بلڪ جيڪو حاضر هجي اهو ئي پيش ڪري) ۽ ٽن ڏينهن کان بعد صدقو آهي، مهمان جي لاءِ اهو حلال ناهي ته ان وٽ ترسيو رهي جو ان کي (يعني ميزبان کي) مشقت ۾ وجهي ڇڏي [99] (17) جڏهن اوهان ڪنهن وٽ مهمان ٿي وڃو ته مناسب آهي ته چڱين چڱين نيتن سان حيثيّت آهر ميزبان يا ان جي ٻارن جي لاءِ تحفا وٺي وڃو.(18) حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مهمان لاءِ چار ڳالهيون ضَروري آهن (1) جاتي ويهاريو وڃي اتي ويهي. (2) جيڪو ڪجهه ان جي اڳيان پيش ڪيو وڃي ان تي خوش ٿئي، ائين نه ٿئي جو چوڻ لڳي: ان کان سنو ته مان پنهنجي ئي گهر کائيندو آهيان يا اهڙي قسم جا ٻيا لفظ. (3) ميزبان کان اجازت وٺڻ بغير اتان نه اٿي ۽ (4) جڏهن اتان کان وڃي ته ان جي لاءِ دُعا ڪري[100] (19) گهر يا کاڌي وغيره جي مُعامَلات ۾ ڪنهن قسم جي تنقيد نه ڪري، ۽ نه ئي ڪوڙي ساراهه (20) **ميزبان** به مهمان کي ڪوڙ جي خطري ۾ وجهندڙ سُوال نه ڪري مثال طور چوڻ اسان جو گهر ڪيئن لڳو؟ يا چوي اسان جو کاڌو اوهان کي پسند آيو يا نه؟ اهڙن موقعن تي جيڪڏهن نه پسند هجڻ جي باوُجُود **مِهمان مُرَوَّت** ۾ کاڌي

جي ڪوڙي تعريف ڪندو ته گنهگار ٿيندو (21) ميزبان اهڙي طرح جو سُوال به نه ڪري ته "اوهان پيٽ پري ڪاڌو يا نه؟" ڇوته اتي به جواب ۾ ڪوڙ جو انديشو آهي ڇوته گهٽ کائڻ جي عادت يا پرهيزي يا ڪنهن به مجبوري تحت گهٽ کائڻ جي باوُجُود اصرار ۽ تڪرار کان بچڻ جي لاءِ مِهمان کي ڪوڙ ڳالهائڻو پئجي ويندو آهي ته "مون گهڻو کاڌو آهي." (22) ڪڏهن ته کاڌي جي موقعي تي مهمان تي هڪ شخص مقرر ڪيو ويندو آهي جيڪو پنهنجي هٿ سان مهمان جي پليٽ ۾ کاڌو يا ڀاڄي، وغيره وجهندو رهندو آهي، مهمان کي ان سان پريشاني ٿي سگهي ٿي، مثال طور اهو ٻوٽي کائڻ کان بچڻ چاهي ٿو ۽ ميزبان تي مقرر شخص ٻوٽيون وجهندو پيو وڃي (23) ميزبان کي گهرجي ته مهمان کي وقت بوقت چوي ته "اجا کائو" پر ان تي اِصرار نه ڪري. ڪٿي اِصرار جي ڪري ايترو وڌيڪ نه کاڌو وڃي جو ان جي لاءِ نقصان ده هجي[101] (24) حضرت سيّدنا امام غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ساٿي گهٽ کائيندو هجي ته رغبت ڏياريندي ان کي چئي: کائو! پر ٽن ڀيرن کان وڌيڪ نه چيو وڃي ڇوته اهو"اصرار" ڪرڻ ۽ حد کان وڌڻ ٿيو[102] (25) ميزبان کي بالڪل خاموش نه رهڻ گهرجي ۽ ائين به نه ڪرڻ گهرجي ته کاڌو رکي غائب ٿي وڃي بلڪ اتي حاضر رهي[103] (26) مهمانن جي سامهون خادم وغيره تي ناراض نه ٿيو[104] (27) ميزبان کي گهرجي ته مهمان جي خاطرداري ۾ پاڻ مشغول ٿئي، خادمن جي ذمي هن کي نه ڇڏي جو مهمانن جي خاطرداري حضرت سيّدُنا ابراهيم خليلُ الله عَلَیۡہِ السَّلَام جي سنت آهي[105] جيڪو شخص پنهنجي مسلمانن ڀائرن سان کائي ٿو ان کان(قيامت جي ڏينهن ان کاڌي جو) حساب نه ٿيندو[106] (28) حضرت سيّدنا امام غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: جيڪو شخص گهٽ

ڪائيندڙ هجي جڏهن اهو ماڻهن سان گڏجي ڪائي ته ٿوري دير کان بعد کائڻ شروع ڪري ۽ ننڍا گرهه کڻي ۽ آهستي آهستي کائي ته جيئن آخر تائين ٻين جو ساٿ ڏئي سگهي[107] (29) جيڪڏهن ڪنهن هن ڪري جلدي مان هٿ روڪي ورتو ته جيئن ماڻهن جي دل ۾ عزت پيدا ٿئي ۽ هن کي بک کان گهٽ کائڻ وارو تصور ڪن ته **رياڪار** ۽ جهنم جي باهه جو حقدار آهي (30) جيڪڏهن بک کان وڌيڪ هن ڪري کاڌو ته **مهمان** سان کائي رهيو آهيان ۽ معلوم آهي ته هي هٿ روڪي وٺندو ته مهمان شرمائي ويندو ۽ پيٽ پري نه کائيندو ته هن صورت ۾ به ڪجهه وڌيڪ کائڻ جي اجازت آهي جڏهن ته ايتري ئي زيادتي هجي جنهن سان معدو خراب ٿيڻ جو خطرو نه هجي.[108]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”صله رحمي جون 13 سنتون ۽ آداب

فرمانِ الٰهي:

| | |
|---|---|
| وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَ ؕ[109] | ترجمو ڪنزالايمان: ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي سوال ڪندا آهيو ۽ رشتن جو لحاظ رکو. |

انهيءَ آيت سڳوري جي حوالي سان ”تفسير مظهري“ ۾ آهي: يعني توهان قطع رحمي (يعني رشتيدارن کان تعلق ٽوڙڻ کان) بچو.[110]

7 **فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (2) جيڪو الله پاڪ ۽ قيامت تي ايمان رکي ته ان کي گهرجي ته صله رِحمي ڪري.[111] (3) قيامت جي

ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي چانوَ ۾ ٽي قسم جا ماڻهو هوندا (انهن مان هڪ ) صلهٖ رحمي ڪرڻ وارو آهي[112] (4) رشتو ٽوڙيندڙ جنت ۾ نه ويندو[113] (5) ماڻهن ۾ سڀ کان سٺو اهو شخص آهي جيڪو ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري، گهڻو متقي هجي، سڀني کان وڌيڪ نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارو ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارو هجي ۽ سڀ کان وڌيڪ صلهٖ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ) وارو هجي[114] (6) بيشڪ افضل ترين صدقو اهو آهي جيڪو دشمني لڪائڻ واري رشتيدار تي ڪيو وڃي [115] (7) جنهن قوم ۾ قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي ان (قوم) تي الله پاڪ جي رحمت جو نزول ناهي ٿيندو[116] (8) جنهن کي اهو پسند هجي ته ان جي لاءِ (جنت ۾) محل بڻايو وڃي ۽ ان جا درجات بلند ڪيا وڃن، ان کي گهرجي ته جيڪو ان تي ظلم ڪري هي ان کي معاف ڪري ۽ جيڪو ان کي محروم ڪري هي ان کي عطا ڪري، ۽ جيڪو ان سان قطع تعلق ڪري هي ان سان ناطو (يعني تعلق) جوڙي[117] (9) حضرت سيدنا **فقيه ابوالليث سمر قندي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: صلهٖ رحمي ڪرڻ جا 10 **فائدا آهن:** ۞ الله پاڪ جي رضا حاصل ٿيندي آهي۞ ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي ۞ ملائڪن کي خوشي ٿيندي آهي ۞ مسلمانن طرفان ان شخص جي واکاڻ ٿيندي آهي ۞ شيطان کي ان کان رنج ٿيندو آهي ۞ عمر وڌندي آهي ۞ رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۞ مري ويل آباء ۽ اجداد (يعني مسلمان ابا ڏاڏا) خوش ٿيندا آهن ۞ پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي ۞ وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي چوته ماڻهو ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن[118] (10) "بهار شريعت" جلد 3 صفحي 558 کان

560 تي آهي: **صلہ رحمي** جي معنٰي: رشتي کي ڳنڍڻ آهي يعني مائٽن سان ڀلائي ۽ سنو سلوڪ ڪرڻ. سڄي اُمت جو هن تي اتفاق آهي تہ صلہءِ رِحم ”**واجب**“ آهي ۽ قطعِ رِحم (يعني رشتو ٽوڙڻ) ”حرام“ آهي. جن رشتيدارن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ واجب آهي اهي ڪير آهن؟ بعض عالمن فرمايو: اهي ذُو رِحَم مَحرم آهن ۽ ڪن فرمايو: ان مان مراد ذُو رِحَم آهن، چاهي محرم هجن يا نہ هجن. ۽ ظاهر اهوئي ٻيو قول آهي، حديث ۾ مطلقًا (يعني بنا ڪنهن قيد جي رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم آهي. قرآن مجيد ۾ مطلقًا (يعني بنا قيد) ذوي الْقُربيٰ (يعني قرابت دار) فرمايو ويو پر اها ڳالهہ ضرور آهي تہ رشتي ۾ جيئن تہ مختلف درجات آهن (اهڙي طرح صلہ رِحَم (يعني رشتيدارن سان بهتر ورتاءُ) جي درجن ۾ بہ تفاوت (يعني فرق) هوندو آهي. والدين جو مرتبو سڀ کان وڌيڪ آهي ان کان پوءِ ذُو رِحَم محرم جو (يعني اهي رشتيدار جنهن سان نسبي رشتو هجڻ جي ڪري نڪاح هميشہ جي لاءِ حرام هجي) ان کان پوءِ باقي رشتيدارن جو مرتبي جي لحاظ کان (يعني رشتي ۾ ويجهڙائي جي ترتيب جي مطابق)[119] (11) صلہ رِحمي (يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ) جون مختلف صورتون آهن، انهن کي هديو ۽ تحفو ڏيڻ (GIFT)، ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ڳالهہ ۾ توهان جي اِعانت (يعني مدد) درڪار هجي تہ ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، انهن سان لطف ۽ مهرباني سان پيش اچڻ [120] (12) جيڪڏهن هي شخص پرديس ۾ هجي تہ رشتيدارن وٽ خط موڪلي، انهن سان خط ۽ ڪتابت جاري رکي تہ جيئن بي تعلقي پيدا نہ ٿئي ۽ ٿي سگهي تہ

وطن اچي ۽ رشتيدارن سان ملي ڪري تعلق تازو ڪري، ائين ڪرڻ سان محبت ۾ اضافو ٿيندو.[121] (فون يا انٽرنيٽ جي ذريعي به رابطي جي ترڪيب مفيد آهي) (13) **صلہ رحمي** (يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ)ان جو نالو ناهي ته جيڪڏهن هو چڱو سلوڪ ڪري ته توهان به ڪيو، ائين ڪرڻ ته حقيقت ۾ مُڪافات يعني ادلو بدلو ڪرڻ آهي جو ان توهان ڏانهن شيءِ موڪلي توهان به ان وٽ اها موڪليو، اهو توهان وٽ آيو توهان ان وٽ هليا ويا، **حقيقت** ۾ صلهٔ رحمي (يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ) هي آهي ته هو ٽوڙي ته توهان ڳنڍيو، هو توهان ڪان جدا ٿيڻ چاهي، بي اعتنائي (يعني لاپرواهي) ڪري ٿو ۽ توهان ان سان مائٽي جي حقن جي (رعايت ۽ لحاظ) ڪريو.[122]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سلام جا 11 مدني گل

﴿1﴾ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. (اسلامي ڀينرون به اسلامي ڀينرن کي پڻ مَحرمن کي سلام ڪن) ﴿2﴾ ”سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي ته جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت ۽ آبرو سڀ ڪجھ منهنجي حفاظت ۾ آهي ۽ مان انهن مان ڪنهن شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو“[123] ﴿3﴾ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ﴿4﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ **سنّت** آهي ﴿5﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله پاڪ جو مُقرّب آهي ﴿6﴾ سلام

۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري (يعني آزاد) آهي جيئن منهنجي **مکي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان آزاد آهي.(124) ﴿7﴾ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون.(125) ﴿8﴾ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ (يعني توهان تي سلامتي هجي) چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله (۽ الله جي رحمت هجي) بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ (۽ ان جون برڪتون هجن) شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ڪي ماڻهو سلام سان گڏ جنّت المقام ۽ دوزخ الحرام جا الفاظ بہ وڌائيندا آهن اِهو غلط طريقو آهي ۽ اهو جملو لغت طور بہ غلط آهي. بلڪ ڪي تہ مَعاذالله ايتري تائين بڪندا آهن: "اوهان جا ٻار اسان جا غلام." امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد 22 صفحي 409 تي فرمائن ٿا: گهٽ ۾ گهٽ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ ۽ ان کان بهتر وَرَحْمَةُ اللهِ ملائڻ ۽ سڀ کان بهتر وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪرڻ ۽ ان تي زيادت (اضافو) ناهي. ان (يعني سلام ڪرڻ واري) اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چيو تہ هي (جواب ۾) وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ چوي ۽ جيڪڏهن هُن اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ چيو تہ هي وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چوي ۽ جيڪڏهن ان وَبَرَكَاتُهٗ تائين چيو تہ هي بہ ايترو ئي چوي ان کان وڌيڪ ناهي. **واللهُ تعاليٰ أعلم** ﴿9﴾ اهڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ﴿10﴾ سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ﴿11﴾ سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ ياد ڪري وٺو. پهريان مان چوان ٿو اوهان

ٻڌي ڌُهرايو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ (اَسْ-سَلَامُ-عَلَیْ-کُمْ) هاڻي پهريان مان جواب ڏيڻ وارا ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان ڌُهرايو: وَعَلَيۡكُمُ السَّلَامُ (وَعَلَیْکُ-مُسْ-سَلَام)

رضائے حق کیلئے تم سلام عام کرو سلامتی کے طلبگار ہو سلام عام کرو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل

﴿1﴾ ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان **مصافحو** يعني ٻئي **هٿ ملائڻ** سنّت آهي ﴿2﴾ هٿ ملائڻ کان پهريان سلام ڪيو ﴿3﴾ موڪلائڻ وقت به سلام ڪريو ۽ هٿ به ملائي سگهو ٿا ﴿4﴾ رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جڏهن ٻه مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا آهن ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن ته الله پاڪ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي جنهن مان نوانوي (99) رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن“ (126) ﴿5﴾ هٿ ملائڻ دوران درود شريف پڙهو هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان اِنۡ شَآءَاللّٰه اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا (شعب الايمان للبيهقي، حديث 8944 ج 6 ص 471) ﴿6﴾ هٿ ملائڻ وقت درود شريف پڙهي ٿي سگهي ته هي دعا به پڙهي وٺو: ”يَغۡفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمۡ“ (يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) ﴿7﴾ ٻه مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنۡ شَآءَاللّٰه قبول ٿينديون ۽ هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي اِنۡ شَآءَاللّٰه ﴿8﴾

پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي. ﴿9﴾ مسلمان کي سلام ڪرڻ، هٿ ملائڻ بلڪ محبت سان ان جو ديدار ڪرڻ سان بہ ثواب ملندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نگاهہ سان ڏسي ۽ اُن جي دل يا سيني ۾ عداوت نہ هجي تہ نگاهہ موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا پنيان گناهہ معاف ڪيا ويندا.[127] ﴿10﴾ جيترا ڀيرا ملاقات ٿي هر ڀيري هٿ ملائي سگهو ٿا ﴿11﴾ اڄ ڪلهہ ڪي ماڻهو ٻنهي طرف کان هڪ هٿ ملائيندا بلڪ صرف پاڻ ۾ آڱريون ئي ملائيندا آهن، اهو سڀ سنّت جي خلاف آهي ﴿12﴾ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو ئي هٿ چُمڻ مڪروهہ آهي.[128] ها جيڪڏهن ڪنهن بزرگ سان هٿ ملائڻ کان پوءِ برڪت حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجو هٿ چمي ورتو تہ ڪراهت ناهي، جيئن تہ **اعلٰي حضرت** رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن سان مصافحو ڪيو پوءِ برڪت طور پنهنجو هٿ چمي ورتو تہ ڪو حرج ناهي جڏهن تہ جنهن سان هٿ ملائي اهو انهن هستين مان هجي جن کان برڪت حاصل ڪئي ويندي هجي[129] ﴿13﴾ جيڪڏهن اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ايندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ سان شهوت اچي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناهہ آهي[130] ﴿14﴾ مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره نہ هجي، ٻئي ترِيون خالي هجن ۽ ترِيءَ سان ترِي ملڻ گهرجي.[131]

## ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جون 12 سنتون ۽ آداب

﴿1﴾ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪريو ﴿2﴾ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو، اِنْ شَآءَالله ثواب به ملندو ۽ ننڍا وڏا سڀ اوهان جي عزت ڪندا ﴿3﴾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ سنّت نه آهي ﴿4﴾ سنين سنين نيتن سان ننڍن ٻارن سان به اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق به اِنْ شَآءَالله عمدا ٿيندا ۽ ٻار به ادب سکندا ﴿5﴾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نک کي هٿ لڳائڻ يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪندو رهڻ سٺي ڳالهه ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي. ﴿6﴾ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي ته اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهه ڪٽي پنهنجي ڳالهه شروع ڪرڻ سنّت نه آهي ﴿7﴾ ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻلڪ ڪنهن به حالت ۾ ٽهڪ نه ڏيو ڇوته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن به ٽهڪ نه ڏنو ﴿8﴾ گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٽهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي. ﴿9﴾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو ته اُن کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي وئي آهي. ته اُن جي قربت ۽ صحبت اختيار ڪريو ڇوته اُن کي حڪمت ڏني ويندي آهي.“ (132)
﴿10﴾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.“ (133) مِراٰة شريف ۾ آهي: حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِى فرمائن ٿا ته گفتگو جا چار قسم آهن:

(1) خالص مُضر (يعني مڪمل طور تي نقصان ڏيندڙ) (2) خالص مفيد (يعني فائديمند) (3) مُضر(نقصان ڏيندڙ) بہ مفيد بہ (4) نہ مُضر نہ مفيد.

خالص مُضِر (يعني مڪمل نقصان ڏيندڙ) کان هميشہ بچڻ ضروري آهي. خالص مفيد ڳالهہ ضرور ڪريو، جيڪو ڪلام مُضر بہ هجي ۽ مفيد بہ اُن جي ڳالهائڻ ۾ احتياط ڪري بهتر اهو آهي تہ نہ ڳالهائي ۽ چوٿين قسم جي ڪلام ۾ وقت ضايع ڪرڻ آهي. انهن ڪلامن ۾ امتياز ڪرڻ ڏکيو آهي تنهنڪري خاموشي بهتر آهي.[134] ﴿11﴾ ڪنهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هجڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهہ ڪئي وڃي ﴿12﴾ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي.[135] ۽ بي حيائي جي ڳالهہ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. حضور تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بيحيائي جي ڳالهہ) کان ڪم وٺي ٿو.“[136] فحش ڳالهہ جي معنيٰ هي آهي: اَلتَّعْبِيْرُعَنِ الْاُمُوْرِالْمُسْتَقْبَحَةِ بِالْعِبَارَاتِ الصَّرِيْحَةِ يعني شرمناڪ ڳالهين ۽ ڪمن جو کليل لفظن ۾ تذڪرو ڪرڻ.[137]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب   صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نِنڊ ڏيڻ بابت 17 سنتون ۽ آداب

ٻہ فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ﴿1﴾ الله پاڪ کي نڇ پسند ۽ اوٻاسي ناپسند آهي.[138] ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن کي نڇ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰه چوي تہ

ملائڪ رَبِّ الْعٰلَمِيْن چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبِّ الْعٰلَمِيْن چوندو آهي ته ملائڪ چوندا آهن: الله پاڪ توتي رحم فرمائي.[139] ﴿3﴾ ڇِڪَ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو ۽ آواز آهستي ڪيو، ڇِڪَ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي[140] ﴿4﴾ ڇِڪَ اچڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان ڇِڪَ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪّده لکيو ويو آهي)[141] بهتر اهو آهي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي ﴿5﴾ ٻُڌڻ واري تي واجب آهي ته فورًا يَرْحَمُكَ الله (يعني الله پاڪ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو ڇِڪَ ڏيڻ وارو ٻڌڻ ٻڌي.[142] ﴿6﴾ جواب ٻڌي ڇِڪَ ڏيڻ وارو چوي:"يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ" (يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: "يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ" (يعني الله پاڪ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري)[143] ﴿7﴾ جيڪو ڇِڪَ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سڄي ڏندن تي ڦيري ڇڏي ته اِنْ شَآءَاللّٰه ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو.[144] ﴿8﴾ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو ڇِڪَ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي ته اُهو ڏاڙهه ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن به مبتلا نه ٿيندو.[145] ﴿9﴾ ڇِڪَ ڏيڻ واري کي گهرجي ته ڏاڍيان حمد ڪري ته جيئن ڪو ٻڌي ته جواب ڏي.[146] ﴿10﴾ ڇِڪَ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ڀيرو ڇِڪَ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوي ته ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي.[147] ﴿11﴾ جواب اُن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن ڇِڪَ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُ

لِلّٰه چوي ۽ جيڪڏهن حمد نہ ڪري تہ جواب ناهي.[148] ﴿12﴾ خطبي جي وقت ڪنهن کي ڇِڪ اچي تہ ٻڌڻ وارو اُن جو جواب نہ ڏي.[149] ﴿13﴾ ڪيئي اسلامي ڀائر موجود هجن تہ ڪجھ حاضرين جواب ڏنو تہ سيني جي پاران جواب ٿي ويو پر بهتر اهو آهي تہ سيئي جواب ڏين.[150] ﴿14﴾ ديوار جي پٺيان ڪنهن کي ڇِڪ آئي ۽ اُن اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چيو تہ ٻڌڻ وارو اُن جو جواب ڏي.[151] ﴿15﴾ نماز ۾ ڇِڪ اچي تہ سڪوت ڪري (يعني خاموش رهي) ۽ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چيائين تہ بہ نماز ۾ حرج ناهي ۽ جيڪڏهن اُن وقت حمد نہ ڪيائين تہ فارغ ٿي ڪري.[152] ﴿16﴾ توهان نماز پڙهي رهيا آهيو ۽ ڪنهن کي ڇِڪ آئي ۽ توهان جواب جي نيّت سان اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چيو تہ توهان جي نماز ٽٽي ويندي.[153] ﴿17﴾ ڪافر کي ڇِڪ آئي ۽ اُن اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چيو تہ جواب ۾ يَهۡدِيۡكُمُ اللهُ (يعني الله پاڪ توکي هدايت ڏي) چيو وڃي.[154]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب      صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سرمو پائڻ جا چار مدني گل

﴿1﴾ **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جوتہ هي نظر کي روشن ڪندو ۽ پلڪون وڌائيندو آهي“.[155] ﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني خوبصورتي جي ارادي) سان مرد کي پائڻ مڪروھ آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي.[156] ﴿3﴾ سرمو رات جو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي.[157] ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش

خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ پايو.[158] اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. **اي عاشقانِ رسول!** عزت ۽ بزرگي جا جيترا به ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سمهڻ جاڳڻ جا 15 مدني گل

﴿1﴾ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو ته جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره هجي ته نڪري وڃي﴿2﴾ سمهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا ترجمو: اي الله پاڪ! مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو)[159] ﴿3﴾ عصر کان پوءِ نه سمهو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي. **فرمانِ مصطفي** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "جيڪو شخص عصر کان پوءِ سمهي ۽ ان جو عقل ختم ٿي وڃي ته پاڻ کي ملامت ڪري"[160] ﴿4﴾ منجهند جو قيلولو (ڪجھ دير ليٽڻ) مستحب آهي.[161] ﴿5﴾ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروه آهي.[162] ﴿6﴾ سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي ته پاڪائي سان سمهي ۽ ﴿7﴾ ڪجھ دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري

سمهي ۽ ان کان پوءِ کابي پاسي سمهي.[163] ﴿8﴾ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري ته اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير به گڏ نه هوندو ﴿9﴾ سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ، سُبْحٰنَ الله، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي ڇو ته انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو.[164] ﴿10﴾ جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْٓ اَحْيَانَا بَعْدَ مَآ اَمَاتَنَا وَ اِلَيْهِ النُّشُوْرُ.[165] ترجمو: سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. ﴿11﴾ انهيءَ وقت ان جو پڪو ارادو ڪري ته پرهيزگاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي به نه ستائيندو.[166] ﴿12﴾ جڏهن ڇوڪري ۽ ڇوڪِريءَ جي ڄمار ڏهه سال ٿئي ته انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نه سمهي.[167] ﴿13﴾ زال مڙس جڏهن کٽ تي گڏ سمهن ته ڏهه سال جي ٻار کي پاڻ سان گڏ نه سمهارين، ڇوڪرو جڏهن حدِ شهوت کي پهچي ته اُهو مرد جي حڪم ۾ آهي.[168] ﴿14﴾ ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو ﴿15﴾ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو ته وڏي سعادت آهي. **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”فرضن کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي.[169]

## زلفن ۽ مٿي جي وارن وغيره جون 22 سنتون ۽ آداب

(1) **حضورڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ زُلف ڪڏهن اڌ ڪن مبارڪ تائين ته (2) ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو (يعني پاپڙي) ۽ (3)

ڪڏهن ڪڏهن وڏي ويندا هئا ته مبارڪ ڪُلهن کي جهومندي چمڻ لڳندا هئا [170] (4) اسان کي گهرجي ته موقعو ملڻ تي ٽئي سنتون ادا ڪيون يعني ڪڏهن اڌ ڪن، ته ڪڏهن سڄي ڪن، ته ڪڏهن ڪلهن تائين زلفَ رکون (5) ڪلهن کي ڇُهڻ جي حد تائين زلف وڌائڻ واري سنّت جي ادائيگي عمومًا نفس لاءِ مشڪل هوندي آهي پر زندگي ۾ هڪ اڌ ڀيري ته هر هڪ سنت کي ادا ڪرڻ گهرجي، البت اهو خيال رکڻ ضروري آهي ته وار ڪلهن کان هيٺ نه وڃن، پاڻي ۾ پُسڻ کان پوءِ زُلفَن جي ڊيگهه چڱي طرح ظاهر ٿيندي آهي، تنهنڪري جڏهن وار وڌايو انهن ڏينهن ۾ غسل کان پوءِ ڦڻي ڏئي خوب غور ڪيو ته زُلفَ ڪلهن کان هيٺ ته نه ٿا وڃن (6) منهنجا آقا **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عورتن وانگر ڪلهن کان هيٺ وار رکڻ مرد جي لاءِ حرام آهن [171] (7) حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مرد کي اهو جائز نه آهي ته عورتن وانگر وار وڌائي، ڪجهه صوفي سڏائيندڙ وڏيون وڏيون چوٽيون وڌائيندا آهن جيڪي انهن جي سيني تي نانگن وانگر هيڏي هوڏي ٿينديون آهن ۽ ڪجهه چوٽيون به ٻَڌندا آهن ۽ جوڙو (يعني عورتن وانگر وار ڪنڌ تي گڏ ڪري ٻَڌي) لڳائيندا آهن اهو ناجائز ڪم ۽ شريعت جي خلاف آهي، تَصَوُّف وڏا وار رکڻ رنگين ڪپڙا پائڻ جو نالو ناهي، بلڪ حُضورِ اَقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ۽ نفس جي خواهشن کي ختم ڪرڻ جو نالو آهي. [172] (8) عورت جو مٿو ڪوڙائڻ حرام آهي. [173] (9) عورت کي مٿي جا وار ڪتائڻ جيئن اڄوڪي زماني ۾ عيسائي عورتون ڪوڙائن ٿيون اهو ناجائز ۽ گناهه آهي ۽ اهڙين عورتن تي لعنّت آئي آهي. مڙس ائين ڪرڻ جو چوي تڏهن به اهو ئي حڪم

آهي جو عورت ائين ڪرڻ ۾ گنهگار ٿيندي ڇوته شريعت جي نافرماني ڪرڻ ۾ ڪنهن (يعني ماءُ پيءُ ۽ مڙس) جو چوڻ نه مڃيو ويندو[174] ننڍڙين ٻارڙين جا وار به مرداڻي انداز سان نه ڪٽايو، ننڍپڻ کان ئي انهن کي زنانه وار رکڻ جو ذهن ڏيو (10) ڪجھ ماڻهو ڪاٻي يا ساڄي پاسي سينڌ ڪيندا آهن اهو سنّت جي خلاف آهي (11) سنّت هي آهي ته جيڪڏهن مٿي جا وار هجن ته وچ مان سينڌ ڪڍي وڃي.[175] (12) مرد کي اختيار آهي ته مٿي جا وار ڪوڙائي يا وڌائي ۽ سينڌ ڪڍي.[176] (13) حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻئي شيون ثابت آهن. جيتوڻيڪ ڪوڙائڻ صرف اِحرام کان ٻاهر ٽيڻ وقت ثابت آهي، ٻين وقتن ۾ ڪوڙائڻ ثابت ناهي[177] (14) اڄڪلھ قينچي يا مشين جي ذريعي وارن کي مخصوص نموني تي ڪٽي وڏا ته ڪٽي ننڍا ڪري ڇڏبا آهن اهڙا وار رکڻ سنت ناهي (15) فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جا وار هجن اهو انهن جو اِڪرام ڪري.[178] يعني انهن کي ڌوئي تيل لڳائي ۽ ڦڻي ڪري (16) حضرت سيّدنا **ابراهيم خليلُ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سڀ کان پهريان مُڇن جا وار ڪٽيا ۽ سڀ کان پهريان سفيد وار ڏٺو ته عرض ڪيائون: اي ربّ! اهو ڇا آهي، الله پاڪ فرمايو: اي ابراهيم اهو وقار آهي، عرض ڪيائون: اي ربّ منهنجو وقار زياده ڪر[179] مُفسّر شهير، حڪيمُ الأُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ٻاڻ کان پهريان ڪنهن نبيءَ جون يا ته مڇيون وڌيون نه يا وڌيون ته انهن ڪٽايون، پر انهن جي دينن ۾ مڇيون ڪٽڻ جو شرعي حڪم نه هو هاڻي سندن جي ڪري هي عمل سنت ابراهيمي ٿيو.[180] (17) ٻُڇي (يعني اهي ڪجھ وار جيڪي چپ

جي هيٺ ڪاڏي جي وچ ۾ هوندا آهن) ان جي آس پاس جا وار ڪتائڻ يا أکيڙڻ بدعت آهي[181] (18) ڪياڙي جا وار ڪوڙائڻ مڪروهه آهي[182] يعني جڏهن مٿي جا وار نه ڪوڙايو صرف ڪياڙي جا وار ڪوڙايو، جيئن ڪجهه ماڻهو خط ناهڻ مهل ڪياڙي جا وار به ڪوڙائيندا آهن ۽ جيڪڏهن سڄي مٿي جا وار ڪوڙايا ته ان سان گڏ ڪياڙي جا وار به ڪوڙائي ڇڏيو[183] (19) چار شين جي متعلق حڪم هي آهي ته دفن ڪيون وڃن، وار، ننهن، حيض وارو ڪپڙو ۽ رت[184] (20) مرد کي ڏاڙهي يا مٿي جي اڇن وارن کي ڳاڙهو يا هيڊو رنگ ڪرڻ مُستَحب آهي ان جي لاءِ ميندي لڳائي سگهجي ٿي (21) ڏاڙهي يا مٿي تي ميندي لڳائي سمهڻ سان مٿي وغيره جي گرمي اکين ڏانهن اچي ويندي جيڪا نظر جي لاءِ مُضِرّ (يعني نقصان ڪار) آهي، حڪيم جي ڳالھ جي تصديق ائين به ٿي جو هڪ دفعي سگِ مدينه عُفِيَ عنه وٽ هڪ نابين شخص آيو ان ٻڌايو مان پيدائشي اَنڌو ناهيان، افسوس مٿي تي ميندي هڻي ستس، پوءِ جڏهن بيدار ٿيس ته منهنجي اکين جو نور ختم ٿي چڪو هو (22) ميندي لڳائڻ واري جي مُڇَن، ڇِپن جي هينان ڏاڙهي جي خط جي ڪناري طرف وارن جي اپاڻ ڪجهه ڏينهن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي جيڪا ڏسڻ ۾ سني نٿي لڳي، لهٰذا جيڪڏهن هر هر سڄي ڏاڙهي نتا رنگي سگهو ته ڪوشش ڪريو هر چار ڏينهن ڪان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ان جڳهين تي جتي جتي اپاڻ نظر ايندي هجي ٿوري ميندي لڳايو.

## تيل لڳائڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جون 19 سنتون ۽ آداب

❁ حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ الله پاڪ جا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مٿي مبارڪ ۾ اڪثر تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪندا هئا ۽ اڪثر مٿي مبارڪ تي ڪپڙو(يعني سر بند شريف) رکندا هئا ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان تَر رهندو هو.[185] خبر پئي ”سَر بَند“ جو استعمال سنّت آهي، اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ جڏهن بہ مٿي تي تيل لڳائن، هڪ ننڍو ڪپڙو مٿي تي ٻڌي ڇڏين، ائين اِنْ شَآءَاللّٰہ ٽوپي ۽ عمامو تيل جي آلودگي کان محفوظ رهندا. اَلْحَمْدُلِلّٰہ سگِ مدينہ عُفِيَ عَنہ جو سالن کان سنت جي نيت سان ”سَر بند“ ٻَڌڻ جو معمول آهي. **اعلٰي حضرت** رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

تیل کی بوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضا
صبحِ عارض پہ لٹاتے ہیں ستارے گیسو [186]

❁ **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن جا وار هجن اهو ان جو اِحترام ڪري.**[187] يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ڪنگهي ڪري.[188] مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار صابڻ وغيره سان ڌوئڻ جنهن جو معمول نہ آهي انهن جي وارن ۾ اڪثر ڏِپ تي ويندي آهي پاڻ کي جيتوڻيڪ ڏپ نہ ايندي هجي پر ٻين کي ايندي آهي. وات، بدن ۽ لباس وغيره مان ڏپ ايندي هجي تہ انهيءَ حال ۾ مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي جو هن سان ماڻهن ۽ ملائڪن کي ايذاء ٿيندو آهي، ها ڏپ هجي پر لڪيل هجي جيئن بغل جي ڏپ وغيره تہ ان ۾ حرج ناهي ❁ حضرت نافِع رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضرت ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُما ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا تيل لڳائيندا هئا.[189] وارن ۾ تيل جو

گھٽو استعمال خاص ڪري عِلم وارن لاءِ مفيد آهي جو هن سان متي ۾ خشڪي ناهي ٿيندي، دماغ تَر ۽ حافظو قوي ٿيندو آهي ❁ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جڏهن اوهان مان ڪو تيل لڳائي تہ ڀِرون کان شروع ڪري، ائين ڪرڻ سان متي جو سور ختم ٿيندو آهي“[190] ❁ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن تيل استعمال فرمائيندا هئا تہ پهرين پنهنجي کابي تري تي تيل وجهندا هئا، پوءِ پهريان ڀنهي ڀِرون تي، پوءِ ڀنهي اکين تي ۽ پوءِ متي مبارڪ تي لڳائيندا هئا.[191] ❁ **”طبَراني“** جي روايت ۾ آهي **سرڪار نامدار، مديني جا تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جڏهن** ڏاڙهي مبارڪ کي تيل لڳائيندا هئا تہ ”عَنفقه“(يعني هيٺين چپ ۽ ڄاڙي جي وچ واري وارن) کان ابتداء ڪندا هئا.[192] ❁ ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪرڻ سنت آهي.[193] ❁ بغير بِسمِ الله پڙهڻ جي تيل لڳائڻ ۽ وارن کي خشڪ ۽ وکريل رکڻ خلافِ سنت آهي ❁ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن بغير بِسمِ اللهِ پڙهي تيل لڳايو تہ 70 شيطان ان ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن.[194] ❁ حضرت امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا، حضرت سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي مؤمن جي شيطان ۽ ڪافر جي شيطان ۾ ملاقات ٿي، ڪافر جو شيطان ٿلهو متارو ۽ سُٺي لباس ۾ هو، جڏهن تہ مؤمن جو شيطان سُڪل هو ۽ وار وِکريل هئا ۽ اگهاڙو هو، ڪافر جي شيطان مؤمن جي شيطان کان پڇا ڪئي: آخر تون ايترو ڪمزور ڇو آهين؟ ان جواب ڏنو: مان هڪ اهڙي شخص سان گڏ آهيان جيڪو ڪائڻ پيئڻ وقت بِسۡمِ اللهِ شريف پڙهندو

آهي تہ مان بکايل رهجي ويندو آهيان جڏهن تيل لڳائيندو آهي تہ بِسْمِ اللهِ پڙهندو آهي تہ منهنجا وار وِکريل رهجي ويندا آهن، ان تي ڪافر جي شيطان چيو: مان تہ اهڙي شخص سان گڏ آهيان جيڪو انهن ڪمن مان ڪو بہ ڪم نٿو ڪري، تنهنڪري مان ان سان کائڻ پيئڻ، لباس ۽ تيل لڳائڻ ۾ شريڪ ٿي ويندو آهيان.(195) ❁ تيل لڳائڻ کان پهريان بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي کابي هٿ جي تري ۾ ٿورو تيل وجهو پوءِ پهريان ساڄي اک جي ڀِرُون تي تيل لڳايو پوءِ کابي تي، ان کان پوءِ ساڄي اک جي پنبڻ تي پوءِ کابي تي، پوءِ مٿي تي تيل لڳايو. ۽ ڏاڙهي ۾ تيل لڳايو تہ هيٺين چپ ۽ ڄاڙي جي وچ واري وارن کان شروع ڪيو ❁ تيل لڳائڻ وارو ٽوپي يا عمامو لاهيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڏپ ايندي آهي. سَرنهن جو تيل استعمال ڪرڻ وارا خاص خيال رکن. تنهنڪري جنهن کان ٿي سگهي تہ اهو مٿي تي سنو خوشبودار تيل لڳائي، خوشبودار تيل ناهڻ جو آسان طريقو هي بہ آهي تہ ڪوپري جي تيل جي شيشي ۾ پنهنجي پسند جي عطر جا ڪجھ ڦُڙا وجهي ملايو، خوشبودار تيل تيار آهي، مٿي جي وارن ۽ ڏاڙهي کي وقت بوقت صابڻ سان ڌوئيندا رهو ❁ عورتن تي لازم آهي تہ ڪنگهي ڪرڻ يا وار ڌوئڻ ۾ جيڪي وار جدا ٿين انهن کي ڪٿي لڪائي ڇڏين جو انهن تي ڪنهن ڌارئي (يعني اهو شخص جنهن سان هميشہ لاءِ نڪاح حرام نہ هجي) جي نظر نہ پوي.(196) ❁ تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو ڦڻي ڪرڻ کان منع فرمايو.(197) اها منع مڪروهِ تَنزِيهي آهي ۽ مقصد اهو آهي

تہ مرد کي سينگار ۾ مشغول نہ رهڻ گهرجي.[198] **امام مُناوي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جنهن شخص کي وارن جي ڪثرت سبب ضرورت هجي اهو روزانو ڦڻي ڪري سگهي ٿو.[199] ❁ بارگاهِ رضويت ۾ ٿيندڙ سوال جواب ملاحظہ فرمايو: سوال: ڦڻيءَ ڏاڙهي ۾ ڪنهن ڪنهن وقت ڪئي وڃي؟ جواب: ڦڻيءَ لاءِ شريعت ۾ ڪو خاص وقت مقرر ناهي اِعتِدال (يعني وچترائي) جو حڪم آهي، نہ هي تہ ماڻهو جِنن جهڙي شڪل ناهي رکي، نہ هي جو هر وقت وارن ۾ لڳل رهي.[200]

❁ ڦڻي ڪرڻ مهل ساڄي پاسي کان ابتدا ڪيو، **اُمُّ الْمُومِنِين حضرت بي بي عائشہ صديقہ** رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: **سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر ڪم ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا، ايستائين جو جوتا پائڻ، ڦڻي ڪرڻ ۽ طهارت ڪرڻ ۾ بہ[201] شارِح بخاري حضرت علامہ بَدرُالدّين عَيني حنفي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ هن حديث شريف جي حوالي سان فرمائن ٿا; اهي ٽي شيون مثال جي طور فرمايون ويون آهن، نہ تہ هر اهو ڪم جيڪو عزت ۽ بزرگي وارو آهي اهو ساڄي طرف کان شروع ڪرڻ مُستَحب آهي، جيئن مسجد ۾ داخل ٿيڻ، لباس پائڻ، مِسواڪ ڪرڻ، سُرمو پائڻ، ننهن ڪٽڻ، مڇون ڪٽڻ، بغلن جا وار لاهڻ، وضو، غسل ڪرڻ ۽ بيت الخلاء مان ٻاهر نڪرڻ وغيره ۽ جنهن ڪم ۾ اها (يعني بزرگي واري) ڳالهہ نہ آهي جيئن مسجد مان ٻاهر نڪرڻ، بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ، نڪ صاف ڪرڻ، شلوار ۽ ڪپڙا لاهڻ وقت کاٻي طرف کان ابتدا ڪرڻ مُستَحب آهي.[202] ❁ جمعي نماز لاءِ تيل ۽ خوشبو لڳائڻ مستحب

آهي[203] ❁ روزي جي حالت ۾ ڏاڙهي، مڇن کي تيل لڳائڻ مڪروھ نہ آهي پر ان لاءِ تيل لڳايو تہ جيئن ڏاڙهي وڏي وڃي، جڏهن تہ هڪ مُٺ ڏاڙهي آهي تہ اهو بغير روزي جي بہ مڪروھ آهي ۽ روزي ۾ بدرجہ اوليٰ.[204] ❁ ميّت جي ڏاڙهي يا وارن ۾ ڦڻي ڪرڻ، ناجائز ۽ گناھ آهي.[205] ماٺهو ميت جي ڏاڙهي ڪوڙي ڇڏيندا آهن اهو بہ ناجائز ۽ گناھ آهي. گناھ ميت تي ناهي بلڪ ڪوڙڻ ۽ ان جو حڪم ڏيڻ وارن تي آهي.

## مِسواڪ (ڏندڻ) جون 22 سنتون ۽ آداب

**ٻہ فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) ٻہ رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي.[206] (2) مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇوتہ هن ۾ وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي.[207] (3) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر رات ڪيئي ڀيرا مسواڪ ڪندا هئا، هر ڀيري سمهندي وقت بہ ۽ جاڳندي وقت بہ[208] (4) بغير سٺي نيت جي مسواڪ ڪرڻ سان طبي فائدا حاصل ٿيندا پر ثواب نہ ملندو. مثلاً وضو جي لاءِ مسواڪ ڪرڻو هجي تہ هيئن ٿي نيتون ڪري وٺو: رضاءِ اِلٰهي، سنت جي ادائيگي ۽ ذڪر ۽ درود جي لاءِ وات کي پاڪيزہ ڪرڻ جي اِرادي سان مسواڪ ڪندس (5) مشائخ ڪِرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو ۽ جيڪو آفيم ڪائيندو هجي ان کي ڪلمو نصيب نہ ٿيندو[209] (6) حضرت **ابن عباس** رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ

مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، ملائڪ خوش ٿين ٿا، ربّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي[(210)] (7) **حڪايت:** هڪ ڀيري حضرت **ابوبڪر شِبلي بغدادي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي وضو ڪندي وقت مِسواڪ جي ضرورت ٿي، گھڻو تلاش ڪيائون پر نہ مليو، لهٰذا هڪ دينار (يعني سون جي هڪ اشرفي) ۾ مسواڪ خريد ڪري استعمال ڪيائون، ڪجھ ماڻھن چيو: هي تہ اوهان گھڻو خرچ ڪري وڌو! ڇا ايترو مهانگو مسواڪ بہ ورتو ويندو آهي؟ فرمايائون: بيشڪ هي دنيا ۽ ان جون تمام شيون الله پاڪ وٽ مڇر جي پر جي برابر بہ حثيت نٿيون رکن، جيڪڏهن **قيامت** جي ڏينهن الله پاڪ مون کان هي پڇا ڪري ورتي تہ ڇا جواب ڏيندس تہ، تو منهنجي پياري حبيب جي سنت (مسواڪ) کي ڇو ترڪ ڪيو؟ جيڪو مال ۽ دولت مون توکي ڏنو هو ان جي حقيقت تہ (مون وٽ) مڇر جي پَر برابر بہ نہ هئي، تہ آخر اهڙي حقير دولت هن عظيم سنت (مسواڪ) کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇو خرچ نہ ڪئي؟ [(211)] (8) سيّدنا امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: چار شيون عقل کي وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان بچڻ، مسواڪ ڪرڻ، نيڪ ماڻھن جي صحبت ۽ پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ[(212)] (9) مسواڪ پيلو(ڪبڙ) يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي (10) مسواڪ جي ٿولهہ چيچ جي برابر هجي (11) ڏنڊڻ هڪ گرانٺ کان ڊگھو نہ هجي نہ تہ ان تي شيطان ويهندو آهي (12) ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت

تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن (13) مسواڪ تازو هجي ته سنو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو (14) مناسب آهي ته ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو (15) ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو (16) جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو (17) هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو (18) ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٺو جو ڇيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو ڇيڙي تي هجي (19) پهريان ساڄي طرف ڪان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي طرف کان هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو (20) مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي (21) ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ شامل ناهي هي وضو جي سنّت قبليه (يعني وضو کان پهريان ادا ڪئي ويندڙ سنّتن مان) آهي البت سنّت مؤڪَّدَه ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي.[213]

(22) ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا وزندار پٿر وغيره ٻڌي سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ننهن ڪٽڻ جا 10 مدني گل

﴿1﴾ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪريو.[214] هڪ روايت ۾ آهي:

”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهه ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي ته رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهه ڇڻندا.“ [215] ﴿2﴾ روايت ۾ آيل هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهريان ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کاٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو. [216] ﴿3﴾ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. [217] ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه (تنزيهي) آهي. [218] ﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه (تنزيهي) آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. [219] ﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن انهن کي اڇلائي ڇڏيو ته به حرج ناهي. [220] ﴿7﴾ ڪٽيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروهه (تنزيهي) آهي، جو ان سان بيماري پيدا ٿيندي آهي. [221] (ايضًا) ﴿8﴾ اربع جي ڏينهن ننهن نه ڪٽڻ گهرجن، چوته ڪوڙهه جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي باقي جيڪڏهن اوڻيتاليهه ڏينهن کان نه ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نه ڪٽيا ته چاليهه ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا ته اُن تي واجب ٿيندو ته اڄوڪي ئي ڏينهن ڪٽي ان

ڪري جو چاليهه ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروهِ تحريمي آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ **فتاويٰ رضويه جلد** 22 صفحو 574، 685 ملاحظ فرمايو) ﴿9﴾ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهه آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي.[222] ﴿10﴾ رات جو ننهن ڪٽڻ ۾ حرج ناهي. حڪايت: امام ابو يوسف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان هارون رشيد رات ۾ ننهن ڪٽڻ جي باري ۾ پڇيو. فرمايائون جائز آهي: حديث پاڪ ۾ آهي: اَلۡخَيۡرُلَايُؤَخَّرُ يعني ڀلائي جي ڪم ۾ دير نه ڪئي وڃي.[223]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## لباس جي باري ۾ 17 سنتون ۽ آداب

**ٽي فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪو ڪپڙا لاهي ته بِسۡمِ اللهِ چوي.[224]حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله پاڪ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو ته جيئن جنّ ان(شرمگاهه) کي ڏسي نه سگهن.[225] (2) جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ هي پڙهي:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ كَسَانِيۡ هٰذَا، وَرَزَقَنِيۡهِ مِنۡ غَيۡرِحَوۡلٍ مِّنِّيۡ وَلَا قُوَّةٍ[1]

ته ان جا اڳيان پويان گناهه معاف ٿي ويندا. [226] (3) جيڪو قدرت جي باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله

---

[1] تمام تعريفون **الله** جي لاءِ جنهن مونکي هي ڪپڙو پارايو ۽ منهنجي طاقت ۽ قوت بغير مونکي عطا فرمايو.

پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو(يعني لباس) پارائيندو.[227] (4) مالدار جيڪڏهن الله پاڪ جي نعمت جي اظهار جي نيت سان شرعي خرابي کان پاڪ عمده لباس پائي ته ثواب جو حقدار آهي (5) **سرڪار دوعالم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد(اڇي) ڪپڙي جو هوندو هو.[228] (6) **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: سڀ کان سٺا اهي ڪپڙا جن کي پائي توهان خدا جي زيارت قبرن ۽ مسجدن ۾ ڪيو، سفيد (اڇا) آهن.[229] يعني سفيد ڪپڙن ۾ نماز پڙهڻ ۽ مڙدن کي ڪفنائڻ سٺو آهي.[230] (7) **امام شافعي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جيڪو پنهنجو لباس صاف رکي ان جا غم گهٽ ٿي ويندا ۽ جيڪو خوشبو لڳائي ان جي عقل ۾ اضافو ٿيندو“[231] (8) لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي[232] (9) روايت ۾ آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌو، يا بيهي ڪري سَراوِيل (يعني پاجامو يا شلوار) پاتي ته الله پاڪ ان کي اهڙي مرض ۾ مبتلا فرمائيندو جنهن جي دوا ناهي.[233] ۞ حضرت سيّدنا **امام برهانُ الدّين زَرۡنُوجي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: عمامو ويهي ٻڌڻ، يا پاجامو يا شلوار بيٺي بيٺي پائڻ تنگدستي جو سبب آهي[234] (10) پاجامو پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو ته پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾[235] (11) اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو (12) **”بهار شريعت“** جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي ته دامن جي ڊيگهه اڌ پني تائين هجي ۽ آستين

جي ڏيگهه وڏ مان وڏ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٺ هجي[236] (13) سنت هي آهي تہ مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي[237] (14) مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي. ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکو(نہ تہ پارائڻ وارا گنهگار ٿيندا) ها جيڪو لباس مرد ۽ عورت ۽ ٻار ۽ ٻارڙي ٻنهي ۾ پاتو ويندو هجي ۽ ان ۾ ڪا شرعي خرابي نہ هجي تہ ٻئي پائي سگهن ٿا (15) "بهار شريعت" جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، دُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن.[238] هن زماني ۾ ڪيئي اهڙا آهن جيڪي تهبند (گوڏ) ائين پائيندا آهن جو پيڙو (يعني دُن جي هيٺ) جو ڪجهہ حصو کليل رهندو آهي، جيڪڏهن ڪُرتي وغيره سان اهڙي طرح ڍڪيل هجي جو جِلد (يعني کل) جي رنگت نہ چمڪي تہ حرج نہ آهي، نہ تہ حرام آهي ۽ نماز ۾ چوٿائي برابر کليل رهي تہ نماز نہ ٿيندي.[239] اِحرام واري کي هن ۾ سخت احتياط جي ضرورت آهي (16) اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو سرعام ماڻهن جي سامهون نيڪر (هاف پينٽ) پائي گهمندا آهن جنهن سان انهن جا گوڏا ۽ رانون نظر اينديون آهن هي حرام آهي، اهڙن جي کليل گوڏن ۽ رانن ڏانهن نظر ڪرڻ بہ حرام آهي، بالخصوص راند روند جي ميدان، ورزش جي جڳهن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي اهڙا منظر گهڻا هوندا آهن. تنهنڪري اهڙن جڳهن تي وڃڻ ۾ نظر جي حفاظت جي سخت ضرورت آهي (17) تڪبّر جي طور جيڪو لباس هجي اهو ممنوع آهي.[240]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# عمامي جا 25 مدني گل

**ست فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : (1) عمامي سان ٻه رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي.[241] (2) ٽوپي تي عمامو اسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق آهي، هر وَرُ جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو.[242] (3) بيشڪ الله پاڪ ۽ ان جا ملائڪ درود موڪليندا آهن جمعي جي ڏينهن عمامي وارن تي.[243] (4) عمامي سان نماز ڏهه هزار نيڪين جي برابر آهي.[244] (5) عمامي سان گڏ هڪ جمعو بغير عمامي جي ستر جمعن جي برابر آهي.[245] (6) عمامه عرب جا تاج آهن تہ عمامو ٻڌو توهان جو وقار وڌندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر وَر تي هڪ نيڪي آهي.[246] (7) عمامو ٻڌو توهان جو حلم وڌندو.[247] حديث جي شرح: يعني عمامو ٻڌڻ سان توهان جو حلم (يعني قوتِ برداشت) وڌندو ۽ توهان جو سينو ڪشادو ٿيندو ڇوتہ ظاهري حليي جو سنو هئڻ انسان کي سنجيده ۽ باوقار بڻائيندو ۽ جزباتي هجڻ ۽ نِيچ حرڪتن کان بچائيندو آهي.[248] (8) "**بهار شريعت**" جلد 3 صفحي 660 تي آهي: عمامو ويهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پايو، جنهن ان جو اُلٽ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پاتو) اهو اهڙي بيماري ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي(يعني طبيبن کي دوا جو علم ناهي) (9) ٻَڌڻ کان پهرين رڪي وجو ۽ سنيون سنيون نيتون ڪيو نہ تہ جيڪڏهن هڪ

ہ سني نيت نہ هئي تہ ثواب نہ ملندو، تنهنڪري گهٽ ۾ گهٽ هڪ نيت ڪري ونو تہ رضاءِ الٰهي جي لاءِ سنت طور عمامو ٻڌان ٿو (10) مناسب هي آهي تہ عمامي جو پهريون وَر مٿي جي ساڄي پاسي وڃي.[249] (11) الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عمامي جو شِملو عموماً پٺي مبارڪ جي پٺيان هوندو هو ۽ ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ ہ شِملہ هوندا هئا، کاٻي پاسي شِملو لٽڪائڻ خلاف سنت آهي.[250] (12) عمامي جي شِملي جي مقدار گهٽ مان گهٽ چار آڱر ۽ (13) وڌ مان وڌ (اڌ پٺي تائين يعني تقريباً) هڪ هٿ[251] (وچين آڱر جي چوٽي کان ٺونٺ تائين جي ماپ هڪ هٿ چئبي) (14) عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو.[252] ”مرآت شريف“ ۾ آهي: عمامو بيهي ٻڌڻ سنت آهي مسجد ۾ ٻڌو يا ڪنهن ٻي جڳهہ[253] (15) عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جو ٻڌڻ **گُنبذ وانگر** هجي.[254] (16) رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي ٿي ويو ۽ (17) ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروهہ آهي.[255] (18) عمامي کي جڏهن نئي سري سان ٻڌڻو هجي تہ جيئن ٻڌل آهي ائين ئي کوليو ۽ يڪدم زمين تي نہ اُڇلايو.[256] (19) جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي تہ هڪ هڪ پيچ کولڻ تي هڪ هڪ گناهہ مٽايو ويندو.[257] **عمامي جا ڇهہ طبي فائدا ملاحظ فرمايو:** (20) مٿي **اگهاڙو** رهڻ وارن جي وَارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره ڊاريڪٽ اثر ڪندي آهي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهنڪري سنت

جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي (21) طِبّي تحقيق مطابق مٿي جي سور لاءِ عمامو شريف پائڻ تمام گهڻو فائديمند آهي (22) عمامو شريف پائڻ سان دماغ کي قوت ملندي ۽ حافظو مضبوط ٿيندو آهي (23) عمامو شريف ٻڌڻ سان دائمي نزلو ناهي ٿيندو يا ٿيندو بہ آهي تہ ان جا اثرات گهٽ هوندا آهن (24) عمامي شريف جو شِملو هينين دڙ جي فالج وغيره کان بچائي ٿو چوتہ شِملو حرام مغز کي موسمي اثرن مثلاً سردي گرمي وغيره کان تحفظ فراهم ڪندو آهي (25) شِملو ”سَرسام“ جي مرض جو خطرو گهٽ ڪندو آهي. دماغ جي وَرَم(يعني سوڄ) جي مرض کي سرسام چوندا آهن.

## منڊي پائڻ جون 19 سنتون ۽ آداب

(1) مرد کي **سون** جي منڊي پائڻ **حرام** آهي. **سروَرِ ذيشان، رحمتِ عالمِيان** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سون جي منڊي پائڻ کان منع فرمايو آهي.[258] (2) نابالغ (يعني تمام ننڍي) ڇوڪر کي بہ سون جا زيور پارائڻ حرام آهن ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو، ائين ٻارن جي هٿ پيرن تي بلا ضرورت ميندي لڳائڻ **ناجائز آهي**. عورت پنهنجي هٿن پيرن تي ميندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪرن کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي.[259] (3) **لوهہ** جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي.[260] (4) مرد جي لاءِ اها ئي منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي وانگر هجي يعني رڳو هڪ نگيني جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ کان وڌيڪ يا گهڻا نگينا هجن تہ پوءِ ڪٿي چاندي جي هجي مَردن لاءِ ناجائز آهي[261] (5) بغير نگيني واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي، ڇلو

آهي (6) حُروفِ مُقطّعَات واري مندي پائڻ جائز آهي پر حُروفِ مُقطّعات واري مندي بغير وضو پائڻ ۽ هٿ لڳائڻ يا مصافحو ڪندي مهل هٿ ملائڻ واري جو مندي کي بي وضو هٿ لڳائڻ جائز ناهي (7) اهڙي طرح مردن لاءِ هڪ کان وڌيڪ (جائز واري) مندي پائڻ يا (هڪ يا هڪ کان وڌيڪ) چلو پائڻ به **ناجائز آهي** جو هي (چلو) مندي ناهي، عورتون چلو پائي سگهن ٿيون.[262] (8) چاندي جي هڪ مندي هڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشه (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي جيتوڻيڪ مُهَر (يعني ٺپي) جي لاءِ نه هجي پر ان جو ترڪ (يعني جنهن کي اسٽامپ جي ضرورت نه هجي ان جي لاءِ جائز مندي به نه پائڻ) **افضل** آهي مُهَر جي غرض کان نه صرف جائز بلڪ **سنت** آهي، ها تڪبُّر يا زنانو سينگار (ليڊيز اسٽائل جو فيشن) يا ٻي ڪنهن غرضِ مَذمُوم (يعني قابل مَذمت مقصد) نيّت ۾ هجي ته رکو مندي ئي نه بلڪ انهيءَ نيّت سان سٺا ڪپڙا پائڻ به جائز ناهن.[263] (9) عيدن تي مرد لاءِ چاندي واري جائز مندي پائڻ مُستَحب آهي.[264] پر مرد اها ئي جائز مندي پائي (10) مندي انهن ئي لاءِ سنّت آهي جن کي مُهَر (يعني اسٽامپ Stamp لڳائڻ) جي حاجت هجي جيئن سلطان، قاضي ۽ عالم جيڪي فتوَن تي اسٽامپ لڳائن ٿا، ان کان علاوه ٻين جي لاءِ سنّت ناهي البت پائڻ جائز آهي.[265] اڄڪلهه مندي سان ٺپو لڳائڻ جو عرف (يعني رواج) ناهي، بلڪ ان لاءِ "اسٽام" ٺهرايو ويندو آهي، لِهٰذا جن کي ٺپو نه لڳائڻو هجي ان قاضي وغيره جي لاءِ مندي پائڻ سنّت نه رهي (11) مرد کي گهرجي ته مندي جو نگينو تري واري پاسي رکي ۽ عورت نگينو هٿ جي پوئين پاسي رکي.[266] (12) چاندي جو چلو خاص زنانو سينگار آهي، مردن

جي لاءِ مَڪرُوهِ (تحريمي ،ناجائز ۽ گناهه آهي)[267] (13) عورت سون چاندي جون جيتريون منديون ۽ چلا چاهي پائي سگهي ٿي هن ۾ وزن ۽ نگينن جو تعداد مقرر ناهي (14) لوهه جي مندي تي چاندي جو ڪَور چڙهايو جو لوهه بلڪل ڏسڻ ۾ نه اچي تہ ان مندي جو پائڻ مرد توڙي عورت ٻنهي ڪي منع نہ آهي.[268] (15) ٻنهي مان ڪنهن بہ هڪ هٿ ۾ مندي پائي سگهو ٿا ۽ سڀ کان ننڍي آڱر ۾ پائڻ گهرجي.[269] (16) منّت يا دم ڪيل ڌاتو (Metal) جو ڪڙو بہ مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهه آهي (17) اهڙي طرح مديني پاڪ يا اجمير شريف جا چلا ۽ اسٽيل جي مندي بہ جائز ناهي (18) بواسير (يعني موڪن جي بيماري) ۽ ٻين بيمارين جي لاءِ دم ڪيل چاندي جا چلا بہ مردن لاءِ جائز نہ آهن (19) جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءَ کي ڌاتو جو چلو، ناجائز مندي يا ڌاتو جي زنجير (Chain-Bracelet) پاتل آهي تہ هينئر جو هينئر لاهي ڇڏيو، توبهه بہ ڪري ڇڏيو ۽ آئنده نہ پائڻ جو عهد بہ ڪيو.

## عقيقي جون 25 سنتون ۽ آداب

(1) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”ڇوڪرو پنهنجي عقيقي ۾ گِروي آهي ستين ڏينهن اُن جي طرفان جانور ذبح ڪيو وڃي ۽ اُن جو نالو رکيو وڃي ۽ مٿي جا وار ڪوڙيا وڃن.“[270] گروي ٿيڻ جو مطلب اِهو آهي تہ اُن کان پورو نفعو حاصل نہ ٿيندو جيستائين **عقيقو** نہ ڪيو وڃي ۽ ڪِن (مُحَدِّثن) جو چوڻ آهي تہ ٻار جي سلامتي ۽ سندس نَشو و نُما (وڌڻ، وڌو ٿيڻ) ۽ منجهس سٺين وصفن (يعني عُمده خوبين) جو هجڻ عقيقي سان وابستہ آهي.[271] (2) ٻار پيدا ٿيڻ جي شڪراڻي

۾ جيڪو جانور ذبح ڪيو وڃي ٿو ان کي **عقيقو** چئبو آهي.[272] (3) جڏهن ٻار پيدا ٿئي ته مستحب اِهو آهي ته ان جي ڪن ۾ اذان ۽ اِقامت چئي وڃي، اذان چوڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه بلائون دور ٿي وينديون (4) بهتر اِهو آهي ته ساڄي ڪن ۾ چار دفعا اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ ٽي دفعا اِقامت چئي وڃي (5) گهڻن ماڻهن ۾ اِهو رواج آهي ته ڇوڪرو پيدا ٿيندو آهي ته اذان ڏني ويندي آهي ۽ ڇوڪِري پيدا ٿيندي آهي ته ناهن ڏيندا. ائين نه ڪرڻ گهرجي بلڪ ڇوڪِري پيدا ٿئي ته به اذان ۽ اقامت چئي وڃي. (6) ستين ڏينهن اُن جو نالو رکيو وڃي ۽ اُن جا وار لاٿا وڃن، ۽ مٿي جا وار لاهڻ وقت **عقيقو** ڪيو وڃي. ۽ وارن جو وزن ڪري اوتري چاندي يا سون صدقو ڪيو وڃي.[273] (7) ڇوڪري جي **عقيقي** ۾ ٻه ٻڪر ۽ ڇوڪِريءَ جي ۾ هڪ ٻڪري ذبح ڪئي وڃي يعني ڇوڪري جي عقيقي ۾ نر ۽ ڇوڪِريءَ ۾ مادي مناسب آهي، ۽ ڇوڪري جي عقيقي ۾ ٻڪريون ۽ ڇوڪِريءَ جي ۾ ٻڪر ڪيائين ته به حرج ناهي.[274] (8) (پٽ جي لاءِ ٻن جي) طاقت نه هجي ته هڪ به ڪافي آهي.[275] (9) قرباني جي اُٺ وغيره ۾ عقيقي جي شرڪت ٿي سگهي ٿي (10) عقيقو فرض يا واجب ناهي صرف مُستَحب سنّت آهي. (جيڪڏهن گنجائش هجي ته ضرور ڪرڻ گهرجي، نه ته ڪري ته گناهه ناهي، باقي عقيقي جي ثواب کان محرومي آهي) غريب ماڻهو کي هرگز اِهو جائز ناهي ته وياج تي پئسا ڪڍي عقيقو ڪري.[276] (11) ٻار جيڪڏهن ستين ڏينهن کان پهرين ئي مري ويو ته اُن جو **عقيقو** نه ڪرڻ سان ان جي شفاعت وغيره تي ڪو به اثر نه پوندو ڇوته هو **عقيقي** جو وقت اچڻ کان پهرين ئي گذاري ويو. ها جنهن ٻار

**عقيقي** جو وقت پاتو يعني ست ڏينهن جو ٿيو ۽ بنا عذر شرعي، طاقت هجڻ جي باوجود اُن جو عقيقو نه ڪيو، ته اُن جي لاءِ اِهو آيو آهي ته اُهو پنهنجي ماءُ پيءُ جي شفاعت نه ڪري سگهندو.[277] (12) عقيقو ولادت (BIRTH) جي ستين ڏينهن سنت آهي، ۽ اِهو ئي افضل آهي، نه ته **چوڏهين**، يا **ايڪيهين** ڏينهن تي.[278] ۽ جيڪڏهن ستين ڏينهن نه ڪري سگهو ته جڏهن چاهيو ڪري سگهو ٿا، **سنّت** ادا ٿي ويندي. [279] (13) جنهن جو **عقيقو** نه ٿيو هجي، اهو جواني، پوڙهائپ ۾ به **عقيقو** ڪري سگهي ٿو.[280] جيئن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلان نبوت کان بعد پاڻ پنهنجو عقيقو ڪيو.[281] (14) ڪجھ عالمن سڳورن اهو چيو ته ستين يا چوڏهين يا ايڪيهين ڏينهن يعني ستن ڏينهن جو لحاظ رکيو وڃي اِهو بهتر آهي ۽ ياد نه رهي ته هيئن ڪري، جنهن ڏينهن ٻار پيدا ٿيو اُن ڏينهن کي ياد رکو ۽ اُن کان هڪ ڏينهن پهرين وارو ڏينهن اچي ته اُهو ستون ڏينهن هوندو، مثال طور، جمعي جي ڏينهن پيدا ٿيو ته (زندگي جي هر) خميس (اُن جو **ستون ڏينهن** آهي.[282] جيڪڏهن ولادت جو ڏينهن ياد نه هجي ته جڏهن چاهيو ڪري ڇڏيو (15) ٻار جي مٿي جا وار لاهڻ کان پوءِ زعفران پيهي مٿي تي لڳائڻ بهتر آهي.[283] (16) بهتر اِهو آهي ته عقيقي جي جانور جي هڏي نه ٽوڙي وڃي بلڪ هڏين تان گوشت لاٿو وڃي، اِهو ٻار جي سلامتي جي لاءِ سٺي فال آهي ۽ هڏي ٽوڙي گوشت ٺاهيو ويو تڏهن به ڪو حرج ناهي. گوشت کي جنهن نموني چاهيو پچائي سگهو ٿا پر مٺو پچايو وڃي ته ان ۾ ٻار جا اخلاق سٺا ٿيڻ جي فال آهي.[284] (17) **مٺو گوشت ٺاهڻ جا ٻه طريقا:** ﴿1﴾ هڪ ڪلو گوشت، اڌ ڪلو مٺي دهي، ست عدد ننڍا ڦوٽا، 50 گرام بادام، ضرورت مطابق

گيهه يا تيل سيئي ملائي پچايو، پَچڻ کان بعد ضرورت مطابق چاشني وجهو. خوبصورتي جي لاءِ گجر جا ننڍا ٽڪر ڪري ۽ پڻ ڪشمش وغيره بہ وجهي سگهجي ٿي. ﴿2﴾ هڪ ڪلو گوشت ۾ اڌ ڪلو چقندر وجهي معمول مطابق پچايو (18) عوام ۾ اِهو گهڻو مشهور آهي تہ عقيقي جو گوشت ٻار جا ماءُ پيءُ ۽ ڏاڏو ڏاڏي ۽ نانو ناني نہ کائن اهو غلط آهي، ان جو ڪوبہ ثبوت ناهي.[285] (19) ان جي کل جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو قرباني جي کل جو، پنهنجي استعمال ۾ آڻي يا مسڪينن کي ڏي يا ڪنهن ٻئي نيڪ ڪم مسجد يا مدرسي ۾ صرف ڪري.[286] (20) عقيقي جي جانور ۾ اُهي ئي شرط آهن جيڪي قرباني جي جانور جي لاءِ هوندا آهن. ان جو گوشت فقيرن ۽ عزيزن، مٽن مائٽن ۽ دوستن احبابن ۾ ڪچو ورهايو وڃي يا پچائي ڏنو وڃي يا انهن کي مهماني طور کارايو وڃي اِهي سيئي صورتون جائز آهن.[287] (21) (عقيقي جو گوشت) سِرڻ، ڪانءُ کي کارائڻ بي معنيٰ آهي، اهي (سرڻ ۽ ڪانءُ) فاسق آهن.[288]
(22)**عقيقو** ولادت جو شڪرانو آهي، تنهنڪري مرڻ کان پوءِ عقيقو نٿو ٿي سگهي (23) ڇوڪري جي عقيقي ۾ پيءُ ذبح ڪري تہ دعا هن طرح پڙهي:

اَللّٰھُمَّ ھٰذِہٖ عَقِیْقَۃُ ابْنِیْ فُلَانٍ، دَمُھَا بِدَمِہٖ وَلَحْمُھَا بِلَحْمِہٖ، وَعَظْمُھَا بِعَظْمِہٖ وَجِلْدُھَا بِجِلْدِہٖ، وَشَعْرُھَا بِشَعْرِہٖ، اَللّٰھُمَّ اجْعَلْھَا فِدَاءً لِّابْنِیْ مِنَ النَّارِ، بِسْمِ اللّٰہِ اَللّٰہُ اَکْبَرُ۔

فُلاَن جي جڳهہ تي پٽ جو جيڪو نالو رکندو اُهو وني، ڌيءُ هجي تہ اِبْنِي جي جاءِ تي بِنتِي ۽ پنجن ئي جاين تي ”ہ“ جي جڳهہ ”ھا“ چوي. ۽

بيو شخص ذبح ڪري تہ ٻنهي جاين تي اِبۡنِیۡ فُلَان يا بِنۡتِیۡ فُلَان جي جاءِ تي فُلَان اِبۡنِ فُلَان يا فُلَانَه بِنۡتِ فُلَان چوي. ڇوڪري جي اُن جي پيءُ ۽ ڇوڪريءَ جي اُن جي ماءُ ڏانهن نسبت ڪري.[289] (24) جيڪڏهن دعا ياد نہ هجي تہ بنا دعا پڙهڻ جي دل ۾ اهو خيال ڪري تہ فلاڻي ڇوڪري يا فلاڻي ڇوڪريءَ جو عقيقو آهي، بِسۡمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكۡبَرۡ پڙهي ذبح ڪري، **عقيقو** ٿي ويندو، عقيقي جي لاءِ دعا پڙهڻ ضروري ناهي.[290] (25) اڄڪلھ عام طور عقيقي جي لاءِ دعوت جو انتظام ڪري عزيزن، مائٽن کي گهرايو ويندو آهي جيڪو هڪ سٺو عمل آهي ۽ شرڪت ڪرڻ واري ٻار جي لاءِ تحفا آڻيندا آهن اِهو بہ ڀلو ڪم آهي. البت هتي ڪجھ تفصيل آهي: جيڪڏهن مهمان ڪو تحفو نہ آڻي تہ ڪڏهن ڪڏهن ميزبان يا سندس گهر وارا مهمان جي گلا ڪرڻ جي گناهہ ۾ مبتلا ٿيندا آهن، تہ جتي يقيني طور تي يا غالب گمان سان اهڙي صورتحال هجي اُتي مهمان کي گهرجي تہ بنا مجبوري جي نہ وڃي، ضرورتًا وڃي ۽ تحفو کڻي وڃي تہ حرج ناهي، البت ميزبان هن نيّت سان ورتو تہ جيڪڏهن مهمان تحفو نہ آڻي ها تہ هي يعني ميزبان هِن (مهمان) جون برائيون بيان ڪري ها يا بطور خاص نيّت تہ ناهي پر هِن (ميزبان) جو اهڙو بُرو معمول آهي تہ جتي هِن (يعني ميزبان کي) غالب گمان هجي تہ آڻيندڙ انهيءَ طور تي يعني (ميزبان جي) شر کان بچڻ جي لاءِ آندو آهي تہ هاڻي وٺندڙ ميزبان گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار آهي ۽ هي تحفو اُن جي حق ۾ رشوت آهي. ها جيڪڏهن برائي بيان ڪرڻ جي نيت نہ هجي ۽ نہ هِن جو اهڙو برو معمول هجي تہ تحفو قبول ڪرڻ ۾ حرج ناهي.

# نالو رکڻ جي باري ۾ 18 سنتون ۽ آداب

(1) ٻہ فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: سنن جي نالن تي نالا رکو.[291] (2) فرمايائون: قيامت جي ڏينهن توهان پنهنجي ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن جي نالن سان پڪاريا ويندؤ، تنهنڪري توهان پنهنجا سٺا نالا رکو.[292] (2) حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ٻار جو سٺو نالو رکيو وڃي، هندوستان ۾ گهڻن ماڻهن جا اهڙا نالا آهن جن جي ڪا معنٰي ناهي يا انهن جي بري معنٰي آهي اهڙن نالن رکڻ کان بچو. انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي پاڪيزه نالن ۽ صحابہ ۽ تابعين ۽ بزرگانِ دين (رِضۡوَانُ اللّٰهِ عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن) جي نالن تي نالو رکڻ بهتر آهي، اميد آهي تہ انهن(نالن) جي برڪت ٻار کي ملندي[293] (3) ٻار زندهہ پيدا ٿيو يا مُئل ان جي خِلقت(يعني بدن) مڪمل هجي يا نامڪمل بهرحال ان جو نالو رکيو وڃي ۽ قيامت جي ڏينهن ان جو حشر ٿيندو (يعني اٿاريو ويندو) [294] معلوم ٿيو جيڪو ٻار ڪچو ڪِري پوي ان جو بہ نالو رکيو وڃي. جيئن تہ دعوت اسلامي جي **مڪتبة المدينہ** جي رسالي”اولاد جا حق“ صفحي 17 تي آهي: نالو رکي ايتري تائين جو ڪچي ٻار جو بہ(نالو رکي) جيڪو گهٽ ڏينهن جو ڪِري پوي نہ تہ الله پاڪ جي درٻار ۾ شڪايت ڪندو. **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ڪچي ٻار جو نالو رکو جو الله پاڪ ان جي ذريعي توهان جي ميزان(يعني عمل جي ٻڙ) کي وزني ڪندو[295] (4) ”محمد“ نالي رکڻ جي باري ۾ ٽي فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ : (1) جنهن وٽ ڇوڪرو پيدا ٿئي ۽ اهو منهنجي مَحبت ۽ منهنجي نالي مان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان

جو نالو محمد رکي اھو ۽ سندس پٽ ٻئي جنت ۾ ويندا[296] (2) قيامت جي ڏينھن ٻہ شخص الله پاڪ جي بارگاھ ۾ بيھاريا ويندا، حڪم ٿيندو انھن کي جنت ۾ وٺي وڃو. عرض ڪندا: **ياالله!** اسان ڪھڙي عمل سبب جنت جي قابل ٿياسين؟ اسان تہ جنت وارو ڪو ڪم ڪيو ئي نہ! فرمائيندو: جنت ۾ وڃو، مون حلف ڪنيو آھي تہ جنھن جو نالو احمد يا محمد ھوندو دوزخ ۾ نہ ويندو[297] (3) توھان مان ڪنھن جو ڪھڙو نقصان آھي جيڪڏھن ان جي گھر ۾ ھڪ محمد يا ٻہ محمد يا ٽي محمد ھجن.[298] اھا حديث نقل ڪرڻ کان بعد اعلٰي حضرت، امام اھلسنت مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جيڪو ڪجھ لکيو آھي ان جو خلاصو آھي: انھيءَ ڪري مون پنھنجي سيني پٽن، ڀائٽين جو عقيقي ۾ رڳو محمد نالو رکيو وري نالي مبارڪ جي آداب جي حفاظت ۽ ٻارن جي حفاظت تي سگھي تنھنڪري عرف (يعني پڪارڻ وارا نالا) جدا مقرر ڪيا. بِحَمۡدِ لله پنج محمد ھاڻي بہ موجود آھن جڏھن تہ پنجن کان وڌيڪ پنھنجي راھ ڏانھن ويا يعني وفات ڪري ويا.[299] حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو پنھنجو، والد صاحب جو ۽ ڏاڏي جو مبارڪ نالو محمد ھو يعني محمد بن محمد بن محمد. حضرت اَيمن ابُوالْبرڪات بن محمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اھي عظيم ھستي آھن جن جي نسب واري سلسلي ۾ مسلسل 14 پيڙھين تائين ابن ڏاڏن جو نالو محمد ٿيو آھي[300] (5) **محمد نالي واري شخص جي برڪت:** مروي آھي ڪجھ ماڻھو ڪنھن معاملي ۾ مشورو ڪرڻ جي لاءِ جمع ٿين ۽ انھن ۾ محمد نالي وارو ڪو شخص بہ ھجي ۽ اھي ان کان مشورو

نہ ونن تہ انهن کي ان ڪم ۾ ڪاميابي حاصل نہ ٿيندي.[301] (6) **پُٽ ٿيڻ جي لاءِ عمل:** تابعي بزرگ امام عطا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو چاهي تہ ان جي گهرواري جي حمل ۾ ڇوڪرو ٿئي، ان کي گهرجي تہ پنهنجو هٿ (حامله) عورت جي پيٽ تي رکي چوي: ”جيڪڏهن ڇوڪرو آهي تہ مون ان جو نالو محمد رکيو.“ اِنْ شَآءَاللّٰه ڇوڪرو ئي پيدا ٿيندو.[302] (7) **اڄڪلهہ** معاذالله نالو بگاڙڻ جي وَبا عام آهي ۽ محمد جي نالي کي بگاڙڻ نهايت ئي سخت تڪليف جو باعث آهي. تنهنڪري هر مرد جو نالو محمد يا احمد رکو ۽ عرف يعني پڪارڻ جي لاءِ بزرگن جي نالن مان ڪو آسان نالو رکيو وڃي (8) جبرائيل يا ميڪائيل وغيره نالو نہ رکو. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ملائڪن جي نالن تي نالو نہ رکو[303] (9) محمد نبي، احمد نبي، نبي احمد نالو رکڻ حرام آهي[304] (10) جڏهن بہ ڪو نالو رکو ان جي معنٰي ڪنهن سني عالم کان پڇي وٺو، بري معنٰي وارا نالا نہ رکو مثال طور غفورالدّين جي معنٰي آهي: دين جو مِٽائڻ وارو، اهو نالو رکڻ نهايت برو آهي. برا نالا بري تاثير رکندا آهن جيئن تہ اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون برن نالن جو سخت برو اثر پوندي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي، ڇگي پلي سني کي آخري عمر ۾ ”دين لڪائڻ وارو ۽ باطل جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ وارو ڏٺو آهي“ [305] (11) نالي جا اثر ايندڙ نسل ۾ بہ اچي سگهن ٿا، **”بهارِشريعت“** جلد 3 صفحي 601 تي حديث نمبر 21 آهي: ”صحيح بخاري“ ۾ سعيد بن مُسَيّب کان مروي آهي چون ٿا: منهنجا ڏاڏا رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾

حاضر ٿيا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: توهان جو نالو ڇا آهي؟ انهن چيو: حُزَن. فرمايائون: اوهان سَهَل آهيو. يعني پنهنجو نالو ”سَهَل“ رکو جو هن جي معنيٰ آهي نرم ۽ ”حُزَن“ سخت کي چوندا آهن. انهن چيو جيڪو منهنجو نالو پيءُ رکيو آهي ان کي نہ بدلائيندس. سعيد بن مُسَيَّب چون ٿا: هن جو نتيجو هي نڪتو جو اسان ۾ اڄاڻ تائين سختي موجود آهي[306] (12) يٰسين يا طٰهٰ نالو رکڻ منع آهي.[307] محمد يٰسين نالو بہ نہ رکو، ها چاهيو تہ غلام يٰسين ۽ غلام طٰهٰ نالو رکي ونو (13) بهارِشريعت حصي 15”عقيقي جو بيان“ ۾ آهي عبدالله ۽ عبدالرحمٰن تمام سٺا نالا آهن پر هن زماني ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ان شخص کي عبدالرحمٰن چوڻ بدران رحمٰن چوندا آهن ۽ غير خدا کي رحمٰن چوڻ حرام آهي. اهڙي ئي طرح عبدالخالق کي خالق ۽ عبدالمعبود کي معبود چوندا آهن اهڙي قسم جي نالن ۾ ائين ناجائز ترميم هرگز نہ ڪئي وڃي. اهڙي طرح تمام گهڻن نالن ۾ تَصغير(يعني ننڍو ڪرڻ) جو رواج آهي يعني نالي کي اهڙي طرح بگاڙيندا آهن جنهن سان حقارت نڪرندي آهي ۽ اهڙي نالن ۾ تصغير هرگز نہ ڪئي وڃي تنهنڪري جتي اهو گمان هجي تہ نالن ۾ تصغير ڪئي ويندي اهي نالا نہ رکيا وڃن بيا نالا رکيا وڃن.[308] (14) جيڪي نالا برا هجن انهن کي بدلائي سٺا نالا رکيا وڃن چوتہ پنهنجي امت سان پيار ڪرڻ وارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بري نالي کي(سٺي نالي سان) بدلائي ڇڏيندا هئا.[309] هڪ عورت جو نالو ”عاصِيہ“ (يعني گنهگار) هو، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي نالي کي بدلائي جميلہ رکيو[310] (15) اهڙا نالا منع آهن جنهن ۾ پنهنجي واتان پاڻ

کي سنو ٻڌائڻ هجي. سيپاري 27 سورة النّجم آيت 32 ۾ ارشادِ الٰهي آهي:

| ترجموکنزالعرفان: پوءِ توهان پاڻ پنهنجي جانين جي پاڪيزگي بيان نہ ڪيو. | فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْؕ |
|---|---|

**اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **"فُصُولِ عِمادي"** جي حوالي سان لکيو آهي: ڪو هن نالي سان نالو نہ رکي جنهن ۾ تَزْڪِيہ يعني پنهنجي وڏائي ۽ تعريف جو اظهار هجي.[311] مسلم شريف ۾ آهي: سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "بَرَّه"(يعني نيڪ بيبي )نالي عورت جو نالو بدلائي "زينب" رکيو ۽ فرمايو: پاڻ کي سنو نہ ٻڌايو. اللہ پاڪ خوب ڄاڻي ٿو تہ توهان مان نيڪوڪار ڪير آهي[312] (16) اهڙا نالا رکڻ جائز نہ آهن جيڪي غير مسلمانن لاءِ مخصوص هجن. **فتاويٰ رضويہ جلد** 24 صفحو 663 کان 664 تي آهي: نالن جي هڪ قسم ڪافرن سان مخصوص آهي جيئن **جِرجِس، پُطْرُس** ۽ **يوحَنّا** وغيره تنهنڪري هن نوع (يعني قسم) جا نالا مسلمانن جي لاءِ رکڻ جائز ناهن ڇو تہ هن ۾ ڪافرن سان مشابهت پاتي پئي وڃي. **واللہ تعاليٰ اعلم.** (17) **غلام محمد** ۽ **احمد** جان نالا رکڻ جائز آهي پر بهتر اهو ئي آهي تہ غلام يا جان وغيره لفظ نہ وڌايو وڃي. تہ جيئن **محمد** ۽ احمد نالي جا جيڪي فضائل احاديث مبارڪ ۾ وارد آهن اهي حاصل ٿين (18) غلام رسول، غلام صدّيق، غلام علي، غلام حسين، غلام غوث، غلام رضا نالو رکڻ جائز آهي.

## سفر جون 35 سنتون ۽ آداب

(1) **شرعاً مسافر** اهو شخص آهي جيڪو ٽن ڏينهن جي فاصلي تائين وڃڻ جي ارادي سان پنهنجي مقامِ اقامت مثال طور شهر يا ڳوٺ کان ٻاهر ٿي ويو. خشڪي ۾ سفر تي ٽن ڏينهن جي مسافت مان مراد ساڍا 57 ميل (يعني تقريباً 92 ڪلوميٽر) جو فاصلو آهي[313] (2) شرعي سفر ڪرڻ واري جي لاءِ ضروري آهي ته اهو سفر ۾ پيش ايندڙ مسئلا سکي چڪو هجي. (مڪتبة المدينہ جو رسالو"مسافر جي نماز" جو مطالعو مفيد آهي) (3) "بخاري شريف" ۾ آهي: نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تبوڪ جي جنگ جي لاءِ خميس جي ڏينهن روانا ٿيا ۽ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خميس جي ڏينهن روانو ٿيڻ ڪي پسند فرمائيندا هئا.[314] (4) جڏهن سفر ڪرڻو هجي ته بهتر اهو آهي ته سومر، جمعرات يا ڇنڇر جي ڏينهن ڪري[315] (5) سَروَرِ عالم، نورِ **مجسَّم** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيّدُنا جُبَير بن مُطعَم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي سفر ۾ پنهنجي ساٿين کان وڌيڪ خوشحال رهڻ جي لاءِ هي وِرد پڙهڻ جي تلقين فرمائي: (1) سورۃالکٰفِرون (2) سورۃ النصر (3) سورۃ الاخلاص (4) سورۃ الفلق(5)سورۃالناس.

هر سورت هڪ هڪ پيرو ۽ هر هڪ جي ابتدا ۾ "بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم" ۽ سڀ کان آخر ۾ به هڪ پيرو بِسۡمِ اللّٰہ پوري پڙهي وٺو. (اهڙيءَ طرح سورتون پنج ٿينديون ۽ بِسۡمِ اللّٰہ شريف ڇهه پيرا) حضرت سيّدُنا جُبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مان هوندئن ته صاحبِ مال هئس پر جڏهن سفر ڪندو هئس ته ساٿين کان خوشحالي ۾ گهٽ ٿي ويندو هئس، بيان ڪيل سورتون هميشه پڙهڻ شروع ڪيون ته ان جي برڪت سان سفر تان واپسي تائين خوشحال ۽ دولت مند

رهندو هئس[316] (6) نڪرڻ وقت عزيزن، دوستن سان ملي ۽ انهن کان غلطيون معاف ڪرائي ۽ جن کان معافي گهري وڃي انهن تي بہ لازم آهي تہ دل سان معاف ڪري ڇڏين.[317] (7) سفر جو لباس پائي جيڪڏهن مڪروهہ وقت نہ هجي تہ گهر ۾ چار رڪعتون نفل "اَلْحَمۡد ۽ (قل ھُواللہ جي مڪمل سورت)" سان پڙهي ڪري ٻاهر نڪرو، اهي رڪعتون واپس اچڻ تائين ان جي گهر وارن ۽ مال جي نگهباني ڪنديون.[318] (8) بہ رڪعتون بہ پڙهي سگهجن ٿيون، حديث پاڪ ۾ آهي: "ڪنهن پنهنجي گهر وارن وٽ انهن ٻن رڪعتن کان بهتر نہ ڇڏيو، جيڪي سفر جو ارادو ڪندي وقت انهن وٽ پڙهيون"[319] (9) سفر ۾ ٽي يا ان کان وڌيڪ اسلامي ڀائر هجن تہ هڪ کي "امير" ٻڌائين جو سنت آهي. جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: "جڏهن سفر ۾ ٽي شخص هجن تہ هڪ کي پنهنجو امير ٻڌايو[320] (10) هن(يعني امير ٻڌائڻ) ۾ ڪمن جو انتظام رهندو آهي، سردار (يعني امير) ان کي ٻڌايو جيڪو خوش خلق(يعني اخلاق وارو) عاقل(يعني عقلمند)ديندار هجي، سردار(يعني امير) کي گهرجي تہ رفيقن(يعني ساٿين) جي آرام کي پنهنجي آسائش(يعني آرام) تي مقدم رکي(يعني پنهنجي آرام جي بدران ساٿين جي آرام کي وڌيڪ اهميت ڏي)[321] (11) آئينو، سرمو، ڪنگي، مسواڪ ساڻ رکي جو سنت آهي[322] (12) والدِ اعلٰي حضرت، مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ لکن ٿا: هو جناب(يعني نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ) سفر ۾ (1) مسواڪ ۽ (2) سرمي داني ۽ (3) آئينو ۽ (4) ڪنگي ۽ (5) قينچي ۽ (6) سوئي (7) ڌاڳو پاڻ سان ڳڏ

رڪندا هئا.[323] هڪ ٻئي روايت ۾ (8) "تيل" جا الفاظ بہ نقل ٿيا آهن[324] (13) ذڪرُالله سان دل وندرائي جو ملائڪ گڏ رهندو، نہ وري بيهوده ڳالهين سان چوتہ شيطان گڏ رهندو.[325] (14) جيڪڏهن دشمن يا ڏاڙيل جو خوف هجي تہ سورت"لِاِيلٰفِ"(سڄي سورت) پڙهي وٺو، اِنْ شَآءَاللّٰه هر مصيبت کان امان ملندو. هي عمل مجرّب (پاورفل) آهي[326] (15) سفر هجي ياحضر(يعني قيام) جڏهن بہ ڪنهن غم يا پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي"لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ[1] ۽ حَسْبُنَا اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيلُ ڪثرت سان پڙهي. اِنْ شَآءَاللّٰه مشڪل آسان ٿيندي (16) سفر دوران بلندي تي چڙهندي"اَللهُ اَكْبَر" ۽ هيناهين ڏانهن لهندي "سُبْحٰنَ الله" جو ورد ڪيو (17) جيڪڏهن ڪو شخص سفر تي وڃي رهيو هجي تہ هن (مسافر) سان مصافحو ڪري يعني هٿ ملائي ۽ ان جي لاءِ هي دعا گهري: أَسْتَوْدِعُ اللهَ دِينَكَ، وَاَمَانَتَكَ،وَخَوَاتِيمَ عَمَلِكَ[2] [327] (18) مقيم(يعني جيڪو مسافر نہ هجي ان) جي لاءِ مسافر هي دعا پڙهي: أَسْتَوْدِعُكَ اللهَ الَّذِى لَا يُضِيْعُ وَدَائِعَهُ[3] [328] [329] (19) منزل تي(يعني رستي تي جتي بہ رڪڻو پوي اتي) لهندي وقت هي پڙهو: أَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ، مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ-[4] اِنْ شَآءَاللّٰه هر نقصان کان بچندؤ[330] (20) مسافر جي دعا قبول ٿيندي آهي، تنهنڪري پنهنجي لاءِ، پنهنجي والدين، ٻارن ٻچن ۽ عام مسلمانن جي لاءِ

---

[1] ترجمو: گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوّت الله ئي جي طرفان آهي)

[2] ترجمو: مان تنهنجي دين، تنهنجي امانت ۽ تنهنجي عمل جي خاتمي کي الله پاڪ جي سپرد ڪيان ٿو.)

[3] ترجمو: مان توکي الله جي حوالي ڪريان ٿو جيڪو ڏنل امانتن کي ضايع ناهي فرمائيندو.

[4] ترجمو: مان الله پاڪ جي ڪامل ڪلمات(يعني جنهن ۾ ڪو بہ عيب يا نقص نہ هجي) جي واسطي سان سڄي مخلوق جي شر کان پناهہ گهران ٿو.

دعائون ڪيو(21) سفر ۾ ڪو شخص بيمار ٿي پيو يا بيھوش ٿي ويو تہ ان جا ساٿي ان مريض جي ضروريات ۾ ان جو مال بغير اجازت خرچ ڪري سگھن ٿا.[331] (22) مسافر تي واجب آھي تہ نماز ۾ قَصر ڪري يعني چار رڪعتن واري فرض ڪي ٻہ پڑھي ان جي حق ۾ ٻہ رڪعتون ئي پوري نماز آھي[332] (23) مغرب ۽ وتر ۾ قصر ناھي(24) سنتن ۾ قصر ناھي بلڪ پوريون پڑھيون وينديون، خوف ۽ گھبراھٽ جي حالت ۾ سنتون معاف آھن ۽ امن جي حالت ۾ پڑھيون وينديون[333] (25) ڪوشش ڪري ھوائي جھاز يا ريل يا بس وغيره ۾ اھڙي وقت سفر ڪيو جو وچ ۾ ڪا نماز نہ اچي(26) سفر ۾ بہ سمھڻ واري وقتن ۾ ھرگز اھڙي غفلت نہ ٿئي جو معاذالله نماز قضا ٿي وڃي (27) سفر دوران بہ نماز ۾ ھرگز ڪوتاھي نہ ٿئي، خاص ڪري ھوائي جھاز، ريل گاڏي ۽ ڊگھي روٽ جي بس ۾ نماز جي لاءِ پھريان ئي ڪان وضو تيار رکو. (28) رستي ۾ بس خراب ٿي پوي تہ ڊرائيور بس جي مالڪ وغيره کي چڙٻڻ ۽ بڪ بڪ ڪري پنھنجي آخرت وڃائڻ جي بدران صبر ڪان ڪم وٺو ۽ جنت جي طلب ۾ ذڪر ۽ درود ۾ مشغول ٿي وڃو. ائين ئي ٽرين يا فلائيٽ ليٽ ٿيڻ جي صورت ۾ ڪيو(29) ريل، بس وغيره ۾ ٻين مسافرن جي پاڑيسري ھئڻ جو خيال رکندي انھن سان خوب حسنِ سلوڪ ڪيو، توڙي جو پاڻ کي تڪليف اچي پر انھن کي راحت پھچايو (30) بس وغيره ۾ ڏاڍيان ڳالھائي ۽ زور سان کلندي ٻين مسافرن کي پنھنجي پاڻ کان بدظن نہ ڪيو (31) رش جي موقعي تي

ڪنهن ڪمزور ۽ مريض مسلمان کي ڏسو ته ثواب جي نيت سان ان کي بس وغيره ۾ اصرار ڪندي ان کي پنهنجي سيٽ پيش ڪيو.(32) ڪوشش ڪري فلمن ۽ گانن باجن سان پاڪ بس ۽ ويگن وغيره ۾ سفر ڪيو (33) سفر تان واپسي ۾گهر وارن جي لاءِ ڪو تحفو وٺي اچو جو **مصطفٰي ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جڏهن سفر تان ڪو واپس اچي ته گهر وارن جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه تحفو آڻي، توڙي جو پنهنجي جهوليءَ ۾ پٿر ئي ڇو نه ڪڻي اچي[334] (34) شرعي سفر کان واپسي ۾ مڪروهه وقت نه هجي ته سڀ کان پهريان پنهنجي مسجد ۾ ۽ جڏهن گهر پهچي ته گهر ۾ ٻه ٻه رڪعت نفل پڙهو (35) مسافر جي دعا قبولي ٿيندي آهي.[335]

## عيادت جون 33 سنتون ۽ آداب

8 **فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ عُوْدُوا الْمَرِيْضَ يعني مريض جي عيادت ڪريو.(336) (الادب المفرد ص 137 حديث 518) ﴿2﴾ **جيڪو** شخص ڪنهن مريض جي **عيادت** جي لاءِ ويندو آهي ته الله پاڪ ان شخص تي **پنجهتر هزار** (75،000) فرشتن جي ڇانوَ ڪندو آهي ۽ ان جي هر قدم کڻڻ تي هن جي لاءِ هڪ نيڪي لکندو آهي ۽ هر قدم رکڻ تي هن جو هڪ گناهہ بخشيو ويندو آهي ۽ هڪ درجو بُلند فرمائيندو آهي جيستائين هو پنهنجي جڳهه تي ويهي، جڏهن هو ويهندو آهي ته رحمت هن کي گهيري وٺندي آهي ۽ پنهنجي گهر واپس موٽڻ تائين رحمت هن کي گهيري رکندي آهي.[337] ﴿3﴾ **جيڪو** شخص ڪنهن مريض جي **عيادت** لاءِ ويندو آهي ته آسمان کان هڪ مُنادي نِدا ڪندو آهي: توکي

بِشارت (يعني خوشخبري) هجي تنهنجو هلڻ بهتر آهي ۽ تو جنَّت جي هک منزل کي پنهنجو نکاڻو بڻائي ورتو.(338) ﴿4﴾ جيڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جي عيادت ڪرڻ لاءِ صبح جو وڃي ته شام تائين هن جي لاءِ ستَّر هزار ملائڪ اِستِغفار (يعني بخشش جي دُعا) ڪندا آهن ۽ شام جو وڃي ته صبح تائين ستَّر هزار ملائڪ اِستِغفار ڪندا رهندا آهن ۽ هن جي لاءِ جنَّت ۾ هڪ باغ آهي.(339) ﴿5﴾ جنهن به سٺي طريقي سان وُضُو ڪيو پوءِ ثواب جي نيّت سان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪئي ته ان کي جهنّم کان 70 سالن جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو.(340) ﴿6﴾ جڏهن تون مريض ڏي وڃين ته ان کي چئو ته تنهنجي لاءِ دعا ڪري ڇوته هن جي دُعا فرشتن جي دُعا وانگر آهي.(341) ﴿7﴾ مريض جيستائين تندرست نه ٿئي وڃي هن جي ڪا به دُعا رد ناهي ٿيندي.(342) (342) ﴿8﴾ جڏهن ڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جي عيادت جي لاءِ وڃي ته 7 ڀيرا هي دُعا پڙهي:

اَسْاَلُ اللهَ الْعَظِيْمَ، رَبَّ الْعَرْشِ الْكَرِيْمِ اَنْ يَّشْفِيَكَ[1]

جيڪڏهن موت نه آيو ته ان کي شفا ملي ويندي.(343) (9) **عيادت جي تعريف**: لغوي معنيٰ: بيمار وٽ وڃي ان جي طبيعت پڇڻ(344) (10) بيمار جي عِيادت ڪرڻ سنّت آهي. جيڪڏهن معلوم آهي ته عِيادت ڪرڻ ان بيمار شخص کي ننڍو وڏي ته اهڙي حالت ۾ عِيادت جي لاءِ نه وڃي.(345) (11) جيڪڏهن مريض سان اوهان جي دل ۾ ناراضگي يا طبيعت کي ان سان مناسبت ناهي پوءِ به عيادت ڪيو.(12) سنّت تي

---

[1] ترجمو: مان عظمت واري، عرشِ عظيم جي مالڪ الله پاڪ کان تنهنجي لاءِ شفا جو سوال ڪريان ٿو

پيروي جي نيّت سان عيادت ڪيو جيڪڏهن صرف ان جي لاءِ بيمار جي عيادت ڪئي جو جڏهن مان بيمار ٿيندس ته اهو به منهنجي عيادت لاءِ اچي ته ثواب نه ملندو.(13) ڪنهن جي عيادت لاءِ وڃو ۽ مريض جي سختي ڏسو ته ان کي ڏيڇارڻ واريون ڳالهيون نه ڪيو مثلاً اوهان جي حالت خراب آهي ۽ نه ئي اهڙي انداز سان مٿو لوڏيو جنهن سان حالت جو خراب هجڻ سمجهو ويندو آهي (14) عيادت جي موقعي تي مريض يا ڏکايل ماڻهو جي سامهون پنهنجي منهن تي رنج ۽ غم جي ڪيفيت ظاهر ڪيو. (15) ڳالهه ٻول جو انداز هر گز اهڙو نه هجي جو مريض يا ان جي مائٽ کي وسوسو اچي ته هي اسان جي پريشاني تي خوش ٿي رهيو آهي!.(16) مريض جي گهر وارن سان به همدردي جو اظهار ڪيو ۽ جيڪا خدمت يا مدد ڪري سگهندا هجو ڪيو. (17) مريض وٽ وڃي ان جي طبعيت پڇو ۽ ان جي لاءِ صحت ۽ عافيت جي دعا ڪيو (18) نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادت ڪريمه هي هئي ته جڏهن ڪنهن مريض جي عيادت لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا ته هِي فرمائيندا هئا لَا بَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ[1] (346) (19) مريض کان پاڻ لاءِ دعا ڪرايو جو مريض جي دعا رد ناهي ٿيندي. (20) **فرمان مصطفي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مريض جي پوري عيادت هي آهي ته ان جي پيشاني تي هٿ رکي کري پڇي ته طبيعت ڪيئن آهي؟ (347) (21) حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي جي حوالي سان فرمائن ٿا: جڏهن ڪوبه ماڻهو ڪنهن مريض جي عيادت ڪرڻ وڃي ته پنهنجو هٿ ان جي پيشاني

[1] ترجمو: ڪا نقصان جي ڳالهه ناهي الله پاڪ چاهيو ته هي مرض (گناهن کان) پاڪ ڪرڻ وارو آهي

تي رکي پوءِ زبان سان هي (يعني اوهان جي طبعيت کيئن آهي) چوي، ان سان بيمار کي تسلي ٿيندي آهي، پر گهڻي دير تائين هٿ نہ رکيل رهي، اهو هٿ رکڻ اظهارِ محبت جي لاءِ آهي[348] (22) جيڪڏهن پيشانيءَ تي هٿ رکڻ سان مريض کي تڪليف پهچندي هجي تہ هٿ نہ رکو، ۽ جيڪڏهن مريض اَمرد (بلڪ غير اَمَرد بہ) هجي ۽ هٿ رکڻ سان مَعَاذَالله"بري لذت" ايندي هجي تہ هٿ رکڻ گناهہ آهي، ۽ جيڪڏهن ڏسڻ سان ائين ٿيندو هجي تہ ڏسڻ بہ حرام آهي. (23) مريض جي سامهون اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن جيڪي ان جي دل کي سٺيون لڳن، بيماريءَ جا فضائل ۽ الله پاڪ جي رحمت جا تذڪرا ڪيو تہ جيئن ان جو ذهن آخرت جي ثواب جي طرف مائل ٿئي ۽ هو شڪوه شڪايت جا الفاظ زبان تي نہ آڻي (24) عيادت ڪندي موقعي جي مناسبت سان مريض کي نيڪي جي دعوت بہ پيش ڪيو خصوصًا نماز جي پابندي جو ذهن ڏيو جو بيماري ۾ ڪيئي نمازي بہ نمازن کان غافل ٿي ويندا آهن (25) مريض کي **مدني چينل** ڏسڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ ان جي برڪتن کان آگاهہ ڪيو (26) مريض کي **مدني قافلن** ۾ سفر جي ۽ پاڻ سفر جي قابل نہ هجي تہ پنهنجي طرفان گهر جي ڪنهن ماڻهو کي سفر ڪرائڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ مدني قافلن جون اهي مدني بهارون ٻڌايو جنهن ۾ دعائن جي برڪتن سان مريض کي شفائون مليون آهن. (27) مريض وٽ گهڻي دير نہ ويهو ۽ نہ گوڙ ڪيو ها جيڪڏهن مريض پاڻ ئي دير تائين ويهارڻ جو خواهشمند هجي تہ ممڪن صورت ۾ اوهان ان جي جذبات جو احترام ڪيو (28) ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ مريض يا ان جي ڪنهن مٽ مائٽ سان ملندا آهن تہ ڪجهہ نہ

ڪجهه علاج ٻڌائيندا آهن ۽ ڪجهه ته مريض سان اصرار ڪندا آهن ته مان علاج ٻڌايان ٿو ان تي عمل ڪيو، فلاڻي دوا ونو، نيڪ ٿي ويندؤ. مريض کي گهرجي ته هر ڪنهن جو ٻڌايل علاج نه ڪري، جو ”اڻ آزمايل حڪيم جي ڪري جان کي نقصان رسي سگهي ٿو“ ڪنهن جو ٻڌايل علاج ڪرڻ کان پهريان پنهجي طبيب کان مشورو ڪري وٺي. خبردار! جيڪي ماهر طبيب نه هجڻ جي باوجود علاج ڪندا آهن اهي گنهگار ٿيندا آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ۽ نااهل (يعني جيڪو ماهر طبيب نه هجي اُن) کي هن(يعني علاج ۾ هٿ وجهڻ) حرام آهي، ۽ اُن (يعني علاج ۾ هٿ وجهڻ) جو ترڪ ڪرڻ فرض آهي.(349)

(29) مريض جي عيادت جي موقعي تي ڦل يا بسڪيٽ وغيره تحفي ۾ ڪٽي اچڻ سنو ڪم آهي پر ڪٽي نه اچڻ جي صورت ۾ عيادت ئي نه ڪرڻ ۽ دل ۾ اهو خيال ڪرڻ ته جيڪڏهن ڪجهه نه ڪٽي ويندس ته اهي ڇا سوچيندا ته خالي هٿ عيادت جي لاءِ آيو آهي، خالي هٿ به عيادت ڪري ئي ونجي نه ڪرڻ ثواب کان محرومي جو باعث آهي (30) عيادت جي لاءِ ويندي ڪجهه ماڻهو گلدستہ ڪٽي ويندا آهن، اهو به جائز آهي پر ڏنو ويو آهي ته جنهن کي ڏنا ويا ان کي ڪم ناهن ايندا، تنهنڪري اها شيءِ تحفي ۾ ڏني وڃي جيڪا ڪم اچي. مشوري طور عرض آهي ته گلدستي جي بدران يا ان سان گڏ ئي جتي مناسب هجي اتي مڪتبة المدينہ جا ڇاپيل ڪجهه مدني رسالا ڪٽي وڃي ڪري مريض کي پيش ڪيو ته جيئن اهي ملاقات ڪندڙن کي (۽ جيڪڏهن اسپتال ۾ هجي ته) پاڙي وارن مريضن ۽ انهن جي عزيزن کي تحفا ڏئي سگهن بلڪ خوش نصيبي! مريض پاڻ به ڪجهه مدني رسالا پيسن تي گهرائي ڪري هن مقصد سان پاڻ وٽ رکي ڪري

ثواب ڪمائي پر رسالن جو انتخاب سوچي سمجهي ڪري. (31) فاسق جي عيادت بہ جائز آهي ڇوتہ عيادت حقوقِ اسلام مان آهي ۽ فاسق بہ مسلمان آهي[350] (32) مرتد ۽ ڪافر حربي جي عيادت جائز ناهي (هن وقت دنيا ۾ سڀ ڪافر حربي آهن) (33) بد مذهب جنهن جي بدمذهبي ڪفر تائين نہ پهتي هجي ان جي عيادت ڪرڻ بہ منع آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪفن جون 16 سنتون ۽ آداب

6 فرامينِ مصطفٰي (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) (1) جيڪو ڪنهن ميّت کي ڪفن ڏي تہ ان جي لاءِ ميت جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي آهي.[351] حضرت علامہ عبدالرّؤُف مُنَاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ حديثِ پاڪ جي هن حصي"جيڪو ميت کي ڪفن ڏي" جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني جنهن پنهنجي مال مان ميت جي ڪفن جو انتظام ڪيو.[352] (2) جيڪو ميت کي ڪفن ڏي الله پاڪ ان کي جنت جي سنهي ۽ ٿلهي ريشم جو لباس پارائيندو.[353] (3) جيڪو ڪنهن ميّت کي وهنجاري، ڪفن پارائي، خوشبو لڳائي، جنازو کڻي، نماز پڙهي ۽ جيڪا ناقص ڳالهہ نظر اچي ان کي لڪائي تہ اهو پنهنجي گناهن کان ايئن پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن جنهن ڏينهن ماءُ جي پيٽ مان ڄائو هو.[354] هن حديث جي حصي ۾ "ناقص ڳالهہ" مان مراد هي آهي تہ جيڪا ڳالهہ ظاهر ڪرڻ جي قابل نہ هجي جيئن چهري جو رنگ ڪارو ٿي وڃڻ. (4) پنهنجن مُردن کي سٺو ڪفن ڏيو جو اهي پاڻ ۾ ملاقات ڪندا ۽ سٺي ڪفن سان فخر ڪندا يعني خوش ٿيندا آهن [355] (5)

جڏهن توهان مان ڪو پنهنجي ياءُ کي ڪفن ڏي، ته ان کي سنو ڪفن ڏي[356] (6) پنهنجي مُردن کي سنو ڪفن ڏيو.[357]

## ڪفن پارائڻ جي نيت

(7) **ڪفن پارائڻ جي نيت:** **الله** پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي موت کان بعد پاڻ کي پارايو ويندڙ ڪفن کي ياد ڪندي فرض کي ادا ڪرڻ جي لاءِ ميّت کي ڪفن پارائيندس (8) ميت کي ڪفن ڏيڻ ”فرض ڪفايہ“[358] آهي يعني ڪنهن هڪ جي ڏيڻ سان سڀ بري الذمہ(سڀ هن فرض کان آجا ٿي ويا) نہ تہ جن جن کي خبر پهتي هئي ۽ ڪفن نہ ڏنائون تہ سيئي گنهگار ٿيندا.

## سنت ڪفن

(9) **مرد جو ڪفن:** ﴿1﴾ لفافو يعني چادر ﴿2﴾ ازار يعني گوڏ ﴿3﴾ قميص يعني ڪفني. **عورت جي لاءِ** هنن ٽن سان گڏ وڌيڪ بہ هي آهن﴿4﴾ پوتي ﴿5﴾ ڇاتي بند[359] (10) جيڪو نابالغ شهوت جي حد[1] کي پهچي ويو اهو بالغ جي حڪم ۾ آهي يعني بالغ کي ڪفن ۾ جيترا ڪپڙا ڏنا ويندا آهن ان کي بہ ڏنا وڃن ۽ ان کان ننڍي ڇوڪري کي هڪ ڪپڙو (اِزار) ۽ ننڍي ڇوڪِريءَ کي بہ ڪپڙا (لفافو ۽ اِزار) ڏئي سگهجن ٿا ۽ ڇوڪري کي بہ بہ ڪپڙا (لفافو ۽ اِزار) ڏنا وڃن تہ بهتر آهي ۽ بهتر اهو آهي تہ ٻنهي کي پورو ڪفن ڏيو پلي

---

[1] شهوت جي حد ڇوڪرن ۾ اها آهي تہ ان جي دل عورتن ڏانهن رغبت ڪري ۽ ڇوڪريءَ ۾ اها آهي تہ ان کي ڏسي مرد کي ان ڏانهن خواهش پيدا ٿئي ۽ ان جو اندازو ڇوڪرن ۾ (سن هجري جي حساب سان) ٻارهن سال ۽ ڇوڪرين ۾ نوَ سال آهي) [360]

چونہ هڪ ڏينهن جو ٻار هجي.[361] (11) رڳو عالمن ۽ مشائخن کي عمامي سان دفن ڪري سگھجي ٿو، عام ماڻھن جي ميّت کي عمامي سان دفنائڻ منع آهي.[362] (12) مرد جي جسم تي اهڙي خوشبو لڳائڻ جائز ناهي جنهن ۾ زعفران مليل هجي، عورت لاءِ زعفران مليل خوشبو جائز آهي[363] (13) جنهن احرام ٻڌو ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ وفات ڪئي تہ ان جي بدن تي بہ خوشبو لڳايو ۽ ان جو چهرو ۽ مٿو ڪفن سان لڪايو وڃي.[364]

## ڪفن جو تفصيل

﴿1﴾ **لفافو** (يعني چادر) ميّت جي قد کان ايتري وڏي هجي جو ٻنهي طرفن کان ٻڌي سگھجي. ﴿2﴾ **ازار** (يعني گوڏ) مٿي کان پيرن تائين يعني چادر کان ايتري ننڍي جيڪا ٻڌڻ لاءِ وڌيڪ هئي ﴿3﴾ **قميص** (يعني ڪفني) ڪنڌ کان گوڏن جي هيٺان تائين ۽ هي اڳيان ۽ پنيان ٻنهي پاسن کان برابر هجي ان ۾ چاڪ (چير) ۽ ٻانهون نہ هجن، مرد ۽ عورتن جي ڪفني ۾ فرق آهي. مرد جي ڪفني ڪلهن تي چيريو ۽ **عورت جي لاءِ ڇاتي** جي طرف کان ﴿4﴾ **پوتي**: ٽي هٿ هجڻ گھرجي يعني ڏيڍھ گز. ﴿5﴾ **ڇاتي بند**: ڇاتي کان ڌُن تائين ۽ بهتر هي آهي تہ ران تائين هجي[365] عمومًا تيار ڪفن خريد ڪيو ويندو آهي ان جو ميّت جي قد جي مطابق سنّت سائيز جو هجڻ ضروري ناهي اهو بہ ٿي سگھي ٿو تہ ايترو وڏو هجي جو اسراف ۾ داخل ٿي وڃي، ان ڪري احتياط ان ۾ آهي تہ ٿان مان ضرورت جي مطابق ڪپڙو ڪٽيو وڃي. جيڪڏهن تيار ڪفن ونڻو پيو هجي تہ زائد

ڪپڙو ڪٽي رکي ڇڏيو، جيڪڏهن هي ڪفن ميت جي مال مان ورتو هو ته وڏيڪ ڪپڙو ورثي ۾ ورهايو ويندو. (15) ڪفن سنو هجڻ گهرجي يعني مرد جمعي ۽ عيدن ۾ جهڙا ڪپڙا پائيندو هيو ۽ عورت جهڙا ڪپڙا پائي پيڪي ويندي هئي ان قيمت جو هجڻ گهرجي. (366)

## ڪفن پارائڻ جو طريقو

غسل ڏيڻ کان پوءِ آرام سان بدن ڪنهن پاڪ ڪپڙي سان صاف ڪيو وڃي ته جيئن ڪفن آلو نه ٿئي، ڪفن کي هڪ يا ٽي يا پنج يا ست ڀيرا ڌوٽي ڏيو، ان کان وڏيڪ نه، پوءِ ائين وڇايو جو پهريان **لفافو** يعني وڏي **چادر** ان تي گوڏ ۽ ان جي مٿان ڪفن رکو، هاڻي ميّت کي ان تي ليٽايو ۽ ڪفن پارايو هاڻي مٿي، ڏاڙهي تي (ڏاڙهي نه هجي ته ڪاڏي تي) ۽ باقي سڄي جسم تي خوشبو لڳايو، اهي عضوا جن تي سجدو ڪيو ويندو آهي يعني پيشاني، نڪ، هٿن، گوڏن ۽ پيرن تي ڪافور لڳايو. پوءِ **اِزار** يعني **گوڏ** کابي پاسي کان بعد ۾ ساڄي پاسي کان ويڙهيو، وري لفافو به اهڙي طرح پهريان کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي کان ويڙهيو ته جيئن ساڄو مٿان رهي، پوءِ مٿي ۽ پيرن جي طرف کان ٻڌي ڇڏيو ته جيئن اڏامڻ جو انديشو نه رهي. عورت کي **”ڪفني“** پارايو ان جي وارن جا ٻه حصا ڪري ڪفني جي مٿان ڇاتي تي رکي ڇڏيو ۽ پوتي کي اڌ پٺ جي هيٺان وڇائي مٿي تي آڻي منهن تي نقاب وانگر وجهي ڇڏيو جيئن ڇاتي تي رهي جو ان جي ڊيگھ اڌ پٺي جي هيٺان کان سيني تائين هجي، ۽ ويڪر هڪ ڪن جي پاپڙي کان وٺي ٻي ڪن جي پاپڙي تائين

هجي، پوءِ دستور موجب ازار ۽ لفافو ويڙهيو پوءِ سيني کان مٿي
ڇاتي بند پستان جي مٿان کان ران تائين آٽي ٻڌو. (وڌيڪ معلومات جي
لاءِ بهارِ شريعت جلد اول صفحي 817 کان 822 جو مطالعو ڪيو.)

## جنازي جي باري ۾ 15 سُنّتون ۽ آداب

4 **فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحَظَ ڪريو: (1) جنهن ڪي ڪنهن
جنازي جي خبر ملي اهو ميّت وارن وٽ وڃي تعزيت ڪري ته الله
پاڪ ان جي لاءِ هڪ قيراط اَجر لکندو، پوءِ جيڪڏهن جنازي سان
گڏ ويندو ته الله تعالٰي ٻه قيراط اجر لکندو پوءِ ان جي نماز پڙهي ته
ٽي قيراط، پوءِ دفنائڻ وقت حاضر ٿئي ته چار ۽ هر قيراط اُحُد (جبل)
جي برابر آهي.[367] (2) مسلمان جا مسلمان تي ڇهه حق آهن: (ان مان
هڪ هي آهي ته) جڏهن فوت ٿي وڃي ته ان جي جنازي ۾ شريڪ
ٿئي.[368] (3) جڏهن ڪو جنّتي شخص فوت ٿي ويندو آهي ته الله پاڪ
حياء ڪندو آهي ته انهن ماڻهن کي عذاب ڏي جيڪي ان جو جنازو
کڻي هليا ۽ جيڪي ان جي پٺيان هليا ۽ جن ان جي جنازي نماز ادا
ڪئي.[369] (4) مؤمن ٻانهي کي مرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين جزا اها
ڏني ويندي جو ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جي بخشش
ڪئي ويندي آهي.[370] (5) حضرت **سَيِّدنا داؤد** عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي
بارگاهه ۾ عرض ڪيو: يا الله پاڪ جيڪو صرف تنهنجي رضا جي
لاءِ جنازي سان گڏ هليو، ان جي جزا ڇا آهي؟ الله تعالٰي فرمايو:
جنهن ڏينهن هو مرندو ته فِرشتا ان جي جنازي سان گڏ هلندا ۽ مان
ان جي **بخشش** فرمائي ڇڏيندس.[371] (6) **حضرت مالڪ بن اَنَس** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ
کي ڪنهن وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي پُڇيو: مَافَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله

پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون: هڪ ڪَلمي جي سبب بخشي ڇڏيو جيڪو حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جنازي کي ڏسي پڙهندا هئا. (اهو ڪلمو هي آهي) سُبۡحٰنَ الۡحَیِّ الَّذِیۡ لَا یَمُوۡت (يعني اها ذات پاڪ آهي جيڪا زنده آهي ان کي ڪڏهن موت نہ ايندو) تنهن ڪري مان بہ جنازو ڏسي ائين ئي پڙهندو هئس ان ڪَلمي پڙهڻ جي سبب الله پاڪ مون کي بخشي ڇڏيو.[372] (7) جنازي نماز ۾ رضاءِ الٰهي فرض جي ادائيگي، عبرت حاصل ڪرڻ، ميت ۽ ان جي عزيزن جي دلجوئي وغيره سنين نيتن سان شرڪت ڪرڻ گهرجي.[373] (8) جنازي سان گڏ ويندي پنهنجي موت ۽ چڱي بري خاتمي جي باري ۾ سوچيندا رهو تہ مرڻ وقت منهنجو ايمان سلامت رهندو يا نہ! افسوس! جهڙي طرح اڄ هن کي کڻي هليا آهن، هڪ ڏينهن مون کي بہ اهڙي ئي طرح کڻي ويندا. جهڙي طرح هن کي مٽي جي مٽن هيٺ دفن ڪيو وڃڻ وارو آهي، اهڙي طرح مون کي بہ دفنايو ويندو، اهڙي طرح غور و فڪر ڪرڻ عبادت ۽ ثواب جو ڪم آهي. (9) جنازي کي ڪلهو ڏيڻ ثواب جو ڪم آهي، نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **حضرت سعد بن مُعاذ** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو جنازو کنيو هو.[373] (10) **حديثِ پاڪ** ۾ آهي: جيڪو جنازي کي چاليهہ قدم کڻي هلي، ان جا چاليهہ ڪبيره گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ هڪ بي حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو جنازي جي چئني پاون کي ڪلهو ڏيندو، الله پاڪ ان جي يقيني (DEFINITE) بخشش فرمائي ڇڏيندو.[374] (11) سنّت هي آهي تہ هڪبئي پنيان چئني پاون کي ڪلهو ڏئي ۽ هر پيري ڏهہ ڏهہ قدم هلي. پوري سنّت هي آهي تہ پهريان ساڄي پاسي جي سيرانديءَ کي ڪلهو ڏي

پوءِ ساڄي پيراندي کي، بعد ۾ کاٻي سيراندي کي ۽ پوءِ کاٻي پيراندي کي ۽ ڏھ ڏھ قدم هلي تہ کل چاليھ قدم ٿيا.[375] ڪجھ ماڻهو جنازي جي جلوس ۾ اعلان ڪندا رهندا آهن: ٻہ ٻہ قدم هلو! انهن کي گهرجي تہ هن طرح اعلان ڪندا ڪن: **”ڏھ ڏھ قدم هلو!“** (12) **جنازي** کي ڪلهو ڏيڻ وقت ڄاڻي واڻي ايذاء ڏيڻ واري انداز ۾ ماڻهن کي ڌڪا ڏيڻ جيئن ڪجھ ماڻهو ڪنهن شخصيت جي جنازي ۾ يا جتي موڙي وغيره ٻڌائي ويندي هجي اتي ڪندا آهن اهو ناجائز ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي (13) **ننڍي** ٻار جي جنازي کي جيڪڏهن هڪ شخص هٿ تي کڻي هلي تہ حَرج ناهي ۽ هڪ ٻئي پٺيان ماڻهو هٿو هٿ وٺندا رهن.[376] عورتن کي (ٻار هجي يا وڏو ڪنهن جي بہ) جنازي سان وڃڻ ناجائز ۽ مَمنُوع آهي.[377] (14) **مڙس پنهنجي گهرواريءَ** جي جنازي کي ڪلهو بہ ڏئي سگهي ٿو، قبر ۾ بہ لاهي سگهي ٿو ۽ منهن بہ ڏسي سگهي ٿو، صرف غسل ڏيڻ ۽ بنا رُڪاوٽ جي جسم کي هٿ لڳائڻ منع آهي.[378] (15) جنازي سان گڏ بلند آواز سان ڪلمو شريف يا ڪلمو شهادت يا حمد ۽ نعت وغيره پڙهڻ جائز آهي.

(ڏسو: فتاويٰ رضويہ،۹/۱۳۹تا۱۵۸)

جنازہ آگے آگے کہ رہا ہے اے جہاں والو!
مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب      صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ۽ دفن جون 22 سنتون ۽ آداب

(1) **فرمانِ الٰهي:**

| | |
|---|---|
| اَلَمۡ نَجۡعَلِ الۡاَرۡضَ كِفَاتًا ﴿۲۵﴾ اَحۡيَآءً وَّ اَمۡوَاتًا ﴿۲۶﴾ [379] | ترجموڪنزالعرفان: ڇا اسان زمين کي جمع ڪرڻ وارو نہ بڻايو. جيئرن ۽ مئلن کي. |

هن آيت مبارڪ جي حوالي سان ”**نورالعرفان**“ صفحي 297 تي آهي:” هن طرح جو زنده زمين جي پشت(يعني پٺيءَ) تي ۽ مردا زمين جي پيٽ ۾ جمع آهن“ (2) ميّت کي دفن ڪرڻ فرض ڪفايہ آهي (يعني هڪ ماڻهوءَ بہ دفنائي ڇڏيو تہ سيئي بري الذمہ تي ويا نہ تہ جنهن جنهن کي خبر پهتي هئي ۽ نہ دفنايو تہ گنهگار ٿيا) هي جائز ناهي جو ميّت کي زمين تي رکي ڇڏيو ۽ چئني پاسن کان يت ناهي ڪري بند ڪري ڇڏيو.[380] (3) قبرون بہ الله ڪريم جون نعمتون آهن جو جن ۾ مردا دفنايا ويندا آهن تہ جيئن جانور ۽ بيون شيون هنن جي توهين نہ ڪن. (4) نيڪ ٻانهن جي ويجهو دفن ڪرڻ کپي جو انهن جي قرب جي برڪت هنن کي حاصل ٿيندي آهي، جيڪڏهن معاذالله مستحقِ عذاب (يعني عذاب جو حقدار) بہ ٿي وجي تو تہ اهي شفاعت ڪندا آهن، اها رحمت جيڪا انهن نيڪ ٻانهن تي نازل ٿيندي آهي ان کي يعني گنهگار کي بہ گهيري ونندي آهي. حديث پاڪ ۾ آهي نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: ”پنهنجي مُردن کي چڱن ماڻهن سان دفن ڪيو.“[381] (5) رات جو دفن ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.[382] (6) هڪ قبر ۾ هڪ کان وڌيڪ(مُردا) بِلا ضَرورت دَفن ڪرڻ جائز ناهي ۽ ضَرورت هجي تہ ڪري سگهو ٿا.[383] (7) جنازو قَبر کان قبلي ڏانهن رکڻ مُستَحب آهي تہ جيئن ميت قبلي واري پاسي کان قَبر ۾ لاٿي وڃي.

قبر جي پيراندي (يعني پيرن واري جڳھ) رکي مٿي ڏانھن نہ آڻيو.[384] (8) حَسبِ ضَرورت ٻہ يا ٽي ۽ بهتر هي آهي تہ قوي (طاقتور) ۽ نيڪ ماڻهو قبر ۾ لهن. عورت جي ميت مَحارِم لاهين اهي نہ هجن تہ ٻيا رِشتيدار، اهي بہ نہ هجن تہ پرهيزگار لاهين.[386] (9) عورت جي ميت کي لاهڻ کان وٺي تختا لڳائڻ تائين کنهن ڪپڙي کان لڪائي رکو. (10) قبر ۾ لاهڻ وقت اها دُعا پڙهو: بِسۡمِ اللهِ وَبِاللهِ وَعَلٰى مِلَّةِ رَسُوۡلِ الله.[1] (11) ميت کي ساڄي پاسي ليٽايو ۽ ان جو چهرو قبلي ڏانهن ڪيو ۽ ڪفن واري پٽي کولي ڇڏيو چوتہ هاڻي ضَرورت ناهي، نہ کولي تہ بہ حَرَج نہ آهي.[387] (12) ڪفن جي ڳنڍ کولڻ وارو هيءَ دُعا پڙهي: اَللّٰهُمَّ لَا تَحۡرِمۡنَا اَجۡرَهٗ وَلَا تَفۡتِنَّا بَعۡدَهٗ[2] [388] (13) قبر ڪچّي سرن [3] سان بند ڪريو جيڪڏهن زمين نرم هجي تہ (ڪاٺي جا) تختا لڳائڻ بہ جائز.[389] (14) هاڻي مِٽي ڏني وڃي، مُستَحَب اهو آهي تہ سيراندي کان ٻنهي هٿن سان ٽي ڀيرا مٽي وجهو. پهرين ڀيري چئو مِنۡهَا خَلَقۡنٰكُمۡ[4] ٻي ڀيري وَفِيۡهَا نُعِيۡدُكُمۡ.[5] ٽئين ڀيري وَمِنۡهَا نُخۡرِجُكُمۡ تَارَةً اُخۡرٰى[6] چئو. هاڻي باقي مِٽي ڪوڏر وغيره سان وجهو.[390] (15) جيتري مِٽي قبر مان نڪتي

---

[1] ترجمو: الله جي نالي سان ۽ رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي دين تي (قبر ۾ رکان ٿو.)

[2] ترجمو: اي الله! اسان کي ان جي اَجر کان محروم نہ ڪر ۽ اسان کي ان کان بعد فتني ۾ نہ وجهہ.

[3] قبر جي اندروني حصي ۾ باھ جون پڪل سرون لڳائڻ منع آهي پر هاڻي اڪثر سيمنٽ جي ديوارن ۽ سليب جو رواج آهي تنهنڪري سيمنٽ جي ديوارن ۽ سيمنٽ جي تختن جو اهو حصو جيڪو اندر جي طرف رکڻو آهي ڪچي مٽيءَ جي گاري سان ليپي ڇڏيو. الله پاڪ مسلمانن کي باھ جي اثر کان محفوظ رکي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[4] اسان زمين ئي مان توهان کي بڻايو

[5] ۽ ان ۾ ئي توهان کي موٽائينداسين

[6] ۽ ان مان ئي توهان کي ڪيدنداسين

آهي ان کان وڌيڪ وجهڻ مڪروه آهي.[391] (16) هٿن ۾ مٽي لڳي تہ ان کي ڇنڊي يا ڌوئي ڇڏيو اختيار آهي.[392] (17) قبر چَوڪندي (يعني چار ڪوندن واري) نہ بڻايو بلڪ ان ۾ ڍال(هيٺاهين) رکو جيئن اُٺ جي ڪوهان، (دفن کان بعد) ان تي پاڻي ڇڙڪڻ بهتر آهي، قبر هڪ گرانٺ اُونچي هجي يا معمولي وڌيڪ.[393] دفن کان بعد قبر تي آذان ڏيڻ ثواب جو ڪم ۽ ميت جي لاءِ نهايت نُفعي بخش آهي.[394] (18) مُستَحَب هي آهي تہ دفن کان بعد قبر تي سُوره بَقَرَه جو اوّل ۽ آخِر پڙهو، سيراندي (يعني مٿي واري پاسي) الٓمّٓ کان مُفۡلِحُوۡنَتائين ۽ پيراندي (يعني پيرن ڏانهن) اٰمَنَ الرَّسُوۡلُ کان ختم سورت تائين پڙهو.[395] (19) دفن کان پوءِ قبر تي ايتري دير بيهڻ مستحب آهي جيتري دير ۾ اُٺ ذبح ڪري ان جو گوشت تقسيم ڪيو وڃي جو انهن جي هجڻ سان ميّت کي اُنس ٿيندو(يعني محبت ۽ اپنائيت ملندي) ۽ نڪيرين جو جواب ڏيڻ ۾ وحشت نہ ٿيندي ۽ ايتري دير تائين تلاوتِ قرآن ۽ ميّت جي لاءِ دعا ۽ استغفار ڪن ۽ هيءُ دعا ڪن تہ نڪيرين جي سوال جي جواب ۾ ثابِت قدم رهي.[396] (20) شَجَرو يا عَهدنامو قبر ۾ رکڻ جائز آهي ۽ بهتر اهو آهي تہ ميت جي چهري جي اڳيان قبلي ڏانهن طاق (ڪڏو) کوٽي ان ۾ رکو، بلڪ "دُرِّمختار" ۾ ڪفن تي عهد نامو لکڻ جائز چيو آهي ۽ فرمايائون تہ ان سبب مَغفِرَت جي اُمّيد آهي، ميت جي سيني ۽ پيشاني تي بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ لکڻ جائز آهي. هڪ شخص ان جي وصيت ڪئي هئي، مرڻ کان پوءِ سيني ۽ پيشاني تي بِسۡمِ اللهِ شريف لکي وئي پوءِ انهن کي ڪنهن خواب ۾ ڏٺو، حال پڇو، چيائين: جڏهن مان قبر ۾ رکيو ويس، عذاب جا فرشتا آيا، فرشتن

جڏهن پيشاني تي بِسۡمِ اللهِ شريف ڏني چيائون: تون عذاب کان بچي ويئين.[397] (21) ائين به ٿي سگهي ٿو ته پيشاني تي بِسۡمِ اللهِ شريف لکو ۽ سيني تي ڪلمو شريف لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ (صلّي الله عليه وسلّم) پر وهنجارڻ کان پوءِ ڪفن پارائڻ کان پهريان ڪلمي واري آڱر سان لکو روشنائي (INK) سان نه لکو.[398] (22) قبر مان ميت جون هڏيون ٻاهر نڪرن ته انهن هڏين کي دفن ڪرڻ واجِب آهي.[399]

## قبرستان جي حاضري جون 21 سنتون ۽ آداب

ٽي فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ : (1) مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوته هي دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي .[400] (2) جڏهن ڪو شخص اِهڙي قبر تان گذري جنهن کي هُو دنيا ۾ سڃاڻيندو هو ۽ اُنهيءَ تي سلام ڪري ته اهو مڙدو ان کي سڃاڻي وٺندو آهي ۽ ان جي سلام جو جواب ڏيندو آهي[401] (3) جيڪو پنهنجي والدين ٻنهي يا هڪ جي قبر جي هر جمعي جي ڏينهن زيارت ڪري، ان جي مغفرت ٿي ويندي ۽ نيڪوڪار لکيو ويندو.[402] (4) مسلمان جي قبرن جي زيارت سنت ۽ مزارات اولياءِ ڪرام ۽ شهداءِ عُظام رَحِمَهُمُ اللهُ السّلام جي حاضري وڏي سعادت ۽ انهن کي ايصالِ ثواب مَندوب (يعني پسنديده) ۽ ثواب [403] (5) (وليُّ الله جي مزار شريف يا) ڪنهن به مسلمان جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ وڃڻ چاهيو ته مستحب هي آهي ته پهرين پنهنجي گهر (غير مڪروه وقت ۾) ٻه رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سورةُ الۡفَاتِحه کان پوءِ هڪ ڀيرو آيةُ الۡكُرۡسِي ۽ ٽي ڀيرا سورةُ الۡاِخلاص پڙهي ۽ ان نماز جو ثواب

صاحبِ قبر کي پهچائي، الله تعاليٰ ان فوت ٿيل شخص جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ ان (ثواب پهچائڻ واري) شخص کي تمام گھڻو ثواب عطا فرمائيندو.[404] (6) مزار شريف يا قبر جي زيارت لاءِ ويندي وات تي فضول ڳالهين ۾ مشغول نہ ٿيو.[405] (7) قبر کي نہ چُمو، نہ قبر تي هٿ لڳايو.[406] بلڪ قبر کان ڪجھ فاصلي تي بيهي رهو (8) قبر کي تعظيمي **سجدو** ڪرڻ **حرام** آهي ۽ جيڪڏهن عبادت جي نيّت هجي تہ **ڪفر** آهي.[407] (9) قبرستان ۾ ان عام رستي کان وڃو جتي ماضي (PAST) ۾ بہ ڪڏهن ڪنهن مسلمان جون قبرون نہ هيون، جيڪو رستو نئون بڻيل هجي ان تي نہ هلو. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) جيڪو نئون رستو ٺاهيو ويو ان تي هلڻ بہ حرام آهي.[408] بلڪ نئي رستي جو رڳو گمان هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي.[409] (10) ڪيئي اوليائن جي مزارن تي ڏٺو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون ڊاهي ڪري فرش ٺاهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، بيهڻ، تلاوت ۽ ذِڪر اَذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحہ پڙهي وٺو (11) قبر جي زيارت ميّت جي چهري جي سامهون بيهي ڪري ۽ ان (يعني قبر واري) جي پيراندي واري پاسي کان وڃجي جو ان جي نگاهہ سامهون هجي، سيراندي کان نہ اچي جو ان کي مٿو ڪڍي ڏسڻو پوي.[410] (12) قبرستان ۾ اهڙي طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پُٺ ۽ قبر وارن جي چهري ڏانهن منهن هجي ان کان پوءِ چوي:

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ يَا اَهۡلَ الۡقُبُوۡرِ، يَغۡفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمۡ، اَنۡتُمۡ لَنَا سَلَفٌ وَّنَحۡنُ بِالۡاَثَرِ

ترجمو: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله پاڪ! اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهريان اچي ويا ۽ اسين توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون.[411] (13) جيڪو قبرستان ۾ داخل ٿي ڪري هي چوي:

اَللّٰهُمَّ رَبَّ الْاَجْسَادِ الْبَالِيَةِ وَالْعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِیْ خَرَجَتْ مِنَ الدُّنْيَا وَهِیَ بِكَ مُؤْمِنَةٌ، اَدْخِلْ عَلَيْهَا رَوْحًا مِّنْ عِنْدِكَ، وَسَلَامًا مِّنِّیْ:

ترجمو: اي الله پاڪ (اي) ڳريل جسمن ۽ بوسيدا هڏين جا ربّ پاڪ! جيڪو دنيا مان ايمان جي حالت ۾ لاڏاڻو ڪري تون ان تي پنهنجي رحمت ۽ منهنجو سلام پهچاءِ، تہ حضرت سيّدنا آدم عليهِ السّلام کان وٺي ڪري ان وقت تائين جيترا مؤمن فوت ٿيا سيئي ان (يعني دعا پڙهڻ واري) جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا.[412] (14) مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: جيڪو شخص قبرستان ۾ داخل ٿيو پوءِ ان سورۃُ الفاتحه، سورۃ الاِخلاص ۽ سورۃ التکاثُر پڙهي پوءِ هي دعا گهري: ياالله پاڪ! مون جيڪو ڪجهہ قرآن پڙهيو ان جو ثواب هن قبرستان جي مؤمن مردن ۽ عورتن کي پهچاءِ، تہ اهي تمام مؤمن قيامت جي ڏينهن ان (يعني ايصالِ ثواب ڪرڻ واري) جا سفارشي ٿيندا.[413] (15) حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو يارهن ڀيرا سورۃُ الاِخلاص يعني قُلْ هُوَ اللهُ اَحَد (مڪمل سورۃ) پڙهي ان جو ثواب مري ويلن کي بخشي تہ مُردن جي ڳڻپ برابر ان (يعني ايصال ثواب ڪرڻ واري) کي ثواب ملندو.[414] (16) قبر جي مٿان اگربتي نہ ٻاري وڃي هن ۾ بي ادبي ۽ بدفالي آهي، ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي

لاءِ (لڳائڻ چاهيو ته) قبر وٽ خالي جڳهه هجي اتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب(يعني پسنديده) آهي.[415] (17) اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه هڪ بي جڳهه تي فرمائن ٿا: ”صحيح مسلم شريف“ ۾ حضرت عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان مروي آهي، انهن مرڻ وقت پنهنجي فرزند کي فرمايو: جڏهن مان مري وڃان ته مون سان گڏ نه کو نوحو (روڄ راڙو) ڪرڻ واري وڃي نه ئي باهه وڃي.[416] (18) قبر تي ڏيئو يا پرندڙ ميڻ بتي وغيره نه رکو، ها رات جي اونداهي ۾ رستي تي هلڻ يا ڏسي ڪري تلاوت ڪرڻ جي لاءِ روشني خاطر ضرورت هجي ته قبر جي هڪڙي پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکو. جڏهن ته اُها خالي جڳهه اهڙي نه هجي جو جتي پهريان قبر هئي هاڻي متجي چڪي آهي. (19) قبرن جي زيارت جي لاء هي چار ڏينهن افضل آهن سومر، خميس، جمعو ۽ ڇنڇر. [417] جمعي جي ڏينهن صبح جي نماز کان پوءِ قبرن جي زيارت افضل آهي.[418] (20) **برڪت واري** راتين ۾ قبرن جي زيارت افضل آهي. خاص ڪري شبِ براءت. [419] اهڙي طرح برڪت وارن ڏينهن ۾ به قبرن جي زيارت افضل آهي. مثال طور عِيۡدَيۡن (يعني عِيۡدُالۡفِطۡر ۽ بَقَره عيد)، 10 محرم الحرام ۽ عَشَره ذِي الحِجَّ (يعني ذُوالحِجَّ جا ابتدائي 10 ڏينهن)[420] (21) قبرستان جي حاضري جي موقعي تي هِتان هُتان جون ڳالهيون ۽ غفلت ڀريل خيالن جي بجاءِ پنهنجي موت کي ياد ڪري تي سڳهي ته ڳوڙها وهايو ۽ گناهن کي ياد ڪري پاڻ کي عذاب قبر کان خوب ڊڄاريو ۽ توبه ڪيو ۽ هي تصور ذهن ۾ جمايو ته جيئن اڄ هي مُئل پنهنجي پنهنجي قبرن

۾ اڪيلا پيل آهن، جلد ئي مان به انهيءَ طرح اندهيري قبر ۾ اڪيلو پيو هوندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مبلّغن ۽ مبلّغات جي خدمت ۾ معروضات

هر سنتن ڀرين بيانن جي آخر ۾ موقع مناسبت سان ڪجھ نه ڪجھ سنتون ۽ آداب پڙهي ٻڌايو. سنتون ۽ آداب ٻڌائڻ کان پهريان پيراگراف نمبر (1) مان ۽ ٻڌائڻ کان بعد نمبر(2) پڙهي ٻڌايو. (مبلغات آخري ورق مان مدني قافلي وارو حصو بيان نه ڪن)

(1) **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (421)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(2) سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب"بهار شريعت" جلد 3 حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"سنتون ۽ آداب" خريديو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہو شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

هي رسالو پڙهڻ کان بعد ثواب جي نيت سان ڪنهن کي ڏئي ڇڏيو.



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

10 شعبان شريف1442ھ

25_3_ 2021

# حوالہ جات

(۱) البدور السّافرۃ ص۱۳۱حدیث ۳۶۶ (۲) تفسیر قرطبی ۳۶۵/۱۳ (۳) اِبنِ عَساکِر ۳۴۳/۹ (۴) مسلم ص۱۱۵۶حدیث ۲۰۸۸
(۵) مُعجم کبیر ۲۷۷/۷حدیث ۷۱۳۲ (۶) الشمائل المحمدیۃ للترمذی ص۸۷ رقم ۱۱۸ (۷) کتابُ الوَرَع مع موسُوعہ امام ابن ابی
الدُّنیا ۲۰۵/۱ (۸) اَبُوداوٗد ۴۷۰/۴حدیث ۵۲۷۳ (۹) مسلم ص۱۱۶۱حدیث ۲۰۹۶ (۱۰) بُخاری ۶۵/۴حدیث ۵۸۵۵ (۱۱) نزہۃا
لقاری ۵۳۰/۵ (۱۲) حیاۃ الحیوان ۲۸۹/۲ (۱۳) اَبُوداوٗد ۸۴/۴حدیث ۴۰۹۹ (۱۴) بہارِ شریعت ۴۲۲/۳ (۱۵) اَلْمُستدرَک
۱۶۸/۲حدیث ۱۸۶۹ (۱۶) بُخاری ۱۸۰/۴حدیث ۶۲۷۲ (۱۷) مُلَخَّص از بہارِ شریعت ۴۳۲/۳ (۱۸) ابوداوٗد ۳۴۵/۴حدیث ۴۸۵۰
(۱۹) مراٰۃ ۹۰/۸ (۲۰) مُعجم اَوسَط ۱۶۱/۶حدیث ۸۳۶۱ (۲۱) الادب المفرد ص۲۹۱حدیث ۱۱۳۷ (۲۲) اَلْمَقاصدُ الْحَسَنۃ ص۸۸ (۲۳)
مراٰۃ ۸۰/۸ (۲۴) مناقب الامام الاعظم ابی حنیفۃ للموفق حصّہ ۲ ص۷ بالتّصرّف (۲۵) شُعَبُ الْاِیمان ۴۶۸/۶حدیث ۸۹۳۳ (۲۶) ابو
داوٗد ۴ / ۳۳۸حدیث ۴۸۲۱ (۲۷) فتاوٰی رضویہ ۲۴ / ۳۶۹، ۴۲۴ملخصاً (۲۸) اَلجامعُ الصَّغیر ص۴۰حدیث ۵۵۴ (۲۹) ابوداوٗد
۳۴۷/۴حدیث ۴۸۵۷ (۳۰تا۳۱) ابوداوٗد ۴۲۰/۴حدیث ۵۰۹۵، ۵۰۹۶ (۳۲) رَدُّالْمُحتار ۶۸۲/۹ (۳۳) بہارِ شریعت ۴۵۳/۳،
شرح الشّفاء للقاری ۱۱۸/۲ (۳۴) پ۲، البقرۃ:۲۵۱ (۳۵) مجمع الزوائد ۲۹۹/۸حدیث ۱۳۵۳۳ (۳۶) تِرمِذی ۳۷۹/۳حدیث ۱۹۵۱
(۳۷) مسلم ص۴۳حدیث ۴۶ (۳۸) شُعَبُ الْاِیمان ۲۲۵/۳حدیث ۳۳۸۹ (۳۹) اَلتَّرغِیب وَالتَّرہِیب ۲۴۱/۳حدیث ۱۳ (۴۰)
بُخاری ۱۰۴/۴حدیث ۶۰۱۴ (۴۱) مسلم ص۴۴حدیث ۴۸ (۴۲تا۴۳) مراسیل ابی داود ص۱۶ (۴۴) نزہۃالقاری ۵۶۸/۵ (۴۵تا
۴۸) اِحیاءُ العلوم ۲۶۷/۲، ۲۶۶، ۲۶۷ مُلَخَّصاً (۴۹) مُسنداحمد بن حنبل ۴۴۱/۳حدیث ۹۶۸۱ (۵۰) شُعَبُ الْاِیمان ۸۳/۷حدیث ۹۵۶۰
(۵۱) مراٰۃ ۵۷۳/۶ (۵۲) تِرمِذی ۳۵۲/۳حدیث ۱۸۹۲ (۵۳) ابوداوٗد ۴۷۴/۳حدیث ۳۷۲۸ (۵۴) مراٰۃ ۷۷/۶ (۵۵) ماخوذاز:
فتاوٰی رضویہ ۵۷۵/۴، ۶۶۹/۲۱ (۵۶) اِتحافُ السّادۃ ۵۹۴/۵ (۵۷) اِحیاءُ الْعُلُوم ۸/۲ (۵۸) الفتاوی الفقہیۃ الکبرٰی لابن حجرا لہیتمی
۱۱۷/۴ (۵۹) دُرِّمختار ۵۶۰/۹ (۶۰) بہارِ شریعت ۴۲۰/۳ (۶۱) عالمگیری ۳۳۷/۵ (۶۲) اَلْفِردَوس بمأثور الْخِطاب
۳۳۳/۲حدیث ۳۵۰۱ (۶۳) مُعجَم اَوسط ۲۵۶/۲حدیث ۳۲۰۲ (۶۴) مُلَخَّص از بہارِ شریعت ۳۷۸/۳ (۶۵) اِحیاءُ الْعُلُوم ۵/۲
(۶۶) رَدُّالْمُحتار ۵۶۲/۹ (۶۷) بہارِ شریعت ۳۷۷/۳ (۶۸) رَدُّالْمُحتار ۵۶۶/۹ (۶۹) اِحیاءُ الْعُلُوم ۲۲/۲ (۷۰) ترمذی ۲۵۰/۵حدیث
۳۳۹۹، ابن ماجہ ۲۸۴/۴حدیث ۳۸۶۹ (۷۱) اَلْفِردَوس ۲۸۲/۱ حدیث ۱۱۰۶ (۷۲) رَدُّالْمُحتار ۵۶۲/۹ (۷۳) حیاتِ اعلیٰ
حضرت ۱۰۷/۱ (۷۴) فتاوٰی رضویہ ۶۶۹/۲۱ (۷۵) الشمائل المحمدیۃ للترمذی ص۹۶حدیث ۱۳۳ (۷۶) جَمْعُ الْجَوامع ۳۴۷/۱حدیث
۲۵۵۸ (۷۷) ابنِ ماجہ ۱۴/۴حدیث ۳۲۷۱ (۷۸تا۷۹) اِحیاء العلوم ۸/۲ (۸۰) الحصن الحصین ص۷۱ (۸۱تا۸۲) اِحیاءُ الْعُلُوم ۴/۲، ۸
(۸۳) بُخاری ۱۰۵/۴حدیث ۶۰۱۸ (۸۴) مراٰۃ ۵۲/۶ (۸۵) اکرام الضیف ص۲۵حدیث ۱۳ (۸۶) کنزُالْعُمّال ۱۰۷/۹
حدیث ۲۵۸۳۱ (۸۷) مُعجم کبیر ۱۰۶/۱۲ حدیث ۱۲۶۹۲ (۸۸) مُسند احمد بن حنبل ۱۴۲/۶حدیث ۱۷۴۲۴ (۸۹) اَلجامعُ الصَّغیر
ص۲۸۸حدیث ۴۶۸۶ (۹۰) اِبن ماجہ ۵۲/۴حدیث ۳۳۵۸ (۹۱) ابن ماجہ ۵۱/۴حدیث ۳۳۵۷ (۹۲) مرآت ۶۷/۶ (۹۳) سیرتِ
مصطفٰی ص۱۰۹ مختصراً (۹۴) تِرمِذی ۴۰۵/۳حدیث ۲۰۱۳ (۹۵تا۹۶) تنبیہ الغافلین ص۲۴۹ (۹۷) احیاءالعلوم (اردو) ۴۳/۲، احیاءالعلوم
۱۶/۲ (۹۸) مراٰۃ ۵۴/۶ (۹۹) بُخاری ۱۳۶/۴حدیث ۶۱۳۵ (۱۰۰) بہارِ شریعت ۳۹۴/۳، عالمگیری ۳۴۴/۵ (۱۰۱) عالمگیری
۳۴۴/۵ (۱۰۲) اِحیاءُ العلوم ۹/۲ (۱۰۳تا۱۰۴) عالمگیری ۳۴۵/۵ (۱۰۵) عالمگیری ۳۴۵/۵، بہارِ شریعت ۳۹۴/۳ (۱۰۶) قوت

القلوب ۳۰۶/۲ (۱۰۷) مرقاۃ المفاتیح ۸۴/۸ تحت الحدیث ۴۲۵۴ (۱۰۸) ملخّص از دُرِّ مختار ۵۶۱/۶ (۱۰۹)
پ ۴، النّساء: ۱ (۱۱۰) تفسیرِ مظہری ۲۱۲/۲ (۱۱۱) بخاری ۱۳۶/۴ حدیث ۶۱۳۸ (۱۱۲) اَلفِردوس ۹۹/۲ حدیث ۲۵۲۶ (۱۱۳)
بُخاری ۹۷/۴ حدیث ۵۹۸۴ (۱۱۴) مُسندِ اِمام احمد ۴۰۲/۱۰ حدیث ۲۷۵۰۴ (۱۱۵) ایضا ۱۳۸/۹ حدیث ۲۳۵۸۹ (۱۱۶)
اَلزَّواجِر ۱۵۳/۲ (۱۱۷) اَلمُستَدرَک ۱۲/۳ حدیث ۳۲۱۵ (۱۱۸) تنبیہُ الغافِلین ص ۴۳ (۱۱۹) رَدُّالمُحتار ۶۷۸/۹ (۱۲۰) دُرَر
۳۲۳/۱ (۱۲۱تا۱۲۲) رَدُّالمُحتار ۶۷۸/۹ (۱۲۳) بہارِ شریعت ۴۵۹/۳ بالتصرف (۱۲۴) شُعَبُ الایمان ۴۳۳/۶ حدیث ۸۷۸۶
(۱۲۵) کیمیائے سعادت ۳۹۴/۱ (۱۲۶) مُعجَم اَوسَط ۳۸۰/۵ حدیث ۷۶۷۲ (۱۲۷) مُعجَم اَوسَط ۱۳۱/۶ حدیث ۸۲۵۱ (۱۲۸)
بہارِ شریعت ۴۷۲/۳ (۱۲۹) جَدُّالمُمتار ۶۵/۷ (۱۳۰) دُرِّ مختار ۹۸/۲ (۱۳۱) بہارِ شریعت ۴۷۱/۳ (۱۳۲) ابن ماجہ ۴۲۲/۴
حدیث ۴۱۰۱ (۱۳۳) تِرمذی ۲۲۵/۴ حدیث ۲۵۰۹ (۱۳۴) مراٰۃ المناجیح ۴۶۴/۶ ملخصاً (۱۳۵) فتاوٰی رضویہ ۱۲۷/۲۱ ملخصاً (۱۳۶)
کتابُ الصَّمت مع موسوعۃ الامام ابن ابی الدنیا ۲۰۴/۷ رقم ۳۲۵ (۱۳۷) اِحیاءُ العلوم ۱۵۱/۳ (۱۳۸) بُخاری ۱۶۳/۴ حدیث ۶۲۲۶
(۱۳۹) مُعجَم کبیر ۳۵۸/۱۱ حدیث ۱۲۲۸۴ (۱۴۰) رَدُّالمُحتار ۶۸۴/۹ (۱۴۱) حاشیۃ الطحطاوی علی المراقی ص ۷ (۱۴۲)
بہارِ شریعت ۴۷۶/۳، ۴۷۷ ملخصاً (۱۴۳) عالمگیری ۳۲۶/۵ (۱۴۴) مراٰۃ المناجیح ۳۹۶/۶ (۱۴۵) مرقاۃ المفاتیح ۴۹۹/۸ تحت
الحدیث ۴۷۳۹ (۱۴۶) رَدُّالمُحتار ۶۸۴/۹ (۱۴۷) عالَمگیری ۳۲۶/۵، بہارِ شریعت ۴۷۶/۳ (۱۴۸) بہارِ شریعت ۴۷۷/۳ (۱۴۹)
فتاوٰی قاضی خان ۳۷۷/۲ (۱۵۰تا۱۵۱) رَدُّالمُحتار ۶۸۴/۹ (۱۵۲تا۱۵۳) عالمگیری ۹۸/۱ (۱۵۴) رَدُّالمُحتار ۶۸۴/۹ (۱۵۵) ابن
ماجہ ۱۱۵/۴ حدیث ۳۴۹۷ (۱۵۶) فتاوٰی عالمگیری ۳۵۹/۵ (۱۵۷) مراٰۃ المناجیح ۱۸۰/۶ (۱۵۸) انظر: شُعَبُ الایمان ۲۱۸/۵-۲۱۹
(۱۵۹) بُخاری ۱۹۶/۴ حدیث ۶۳۲۵ (۱۶۰) مسندِ ابو یعلٰی ۲۷۸/۴ حدیث ۴۸۹۷ (۱۶۱) عالَمگیری ۳۷۶/۵، بہارِ شریعت ۴۳۵/۳
(۱۶۲تا۱۶۴) عالَمگیری ۳۷۶/۵ (۱۶۵) بخاری ۱۹۶/۴ حدیث ۶۳۲۵ (۱۶۶) عالَمگیری ۳۷۶/۵ (۱۶۷) دُرِّ مختار رَدُّالمُحتار ۶۲۹/۹
(۱۶۸) دُرِّ مختار ۶۳۰/۹ (۱۶۹) مسلم ص ۵۹۱ حدیث ۱۱۶۳ (۱۷۰) الشمائل المحمدیۃ للترمذی ص ۱۸، ۳۵، ۳۴ (۱۷۱) تسہیلاً فتاوٰی
رضویہ ۶۰۰/۲۱ (۱۷۲) بہارِ شریعت ۵۸۷/۳ (۱۷۳) خلاصہ از فتاوٰی رضویہ ۶۶۴/۲۲ (۱۷۴تا۱۷۵) بہارِ شریعت ۵۸۸/۳
(۱۷۶) رَدُّالمُحتار ۶۷۲/۹ (۱۷۷) بہارِ شریعت ۵۸۶/۳ (۱۷۸) ابوداوٗد ۴/ ۱۰۳ حدیث ۴۱۶۳ (۱۷۹) موطّا ۲/ ۴۱۵ حدیث
۱۷۵۶ (۱۸۰) مراٰۃ ۱۹۳/۶ (۱۸۱تا۱۸۲) عالمگیری ۳۵۷/۵، ۳۵۸ (۱۸۳تا۱۸۴) بہارِ شریعت ۵۸۸/۳، ۵۸۷، عالمگیری
۳۵۸/۵ (۱۸۵) اَلشَّمائِلُ المُحَمَّدِیَّۃ لِلتِّرمِذی ص ۴۰ حدیث ۳۲ (۱۸۶) حدائق بخشش ص ۱۲۱ (۱۸۷) ابوداوٗد ۱۰۳/۴ حدیث ۴۱۶۳
(۱۸۸) اَشِعَّۃُ اللَّمعات ۶۱۷/۳ (۱۸۹) مُصَنَّف ابن اَبی شَیبہ ۱۱۷/۶ (۱۹۰) اَلجامِعُ الصَّغیر ص ۲۸ حدیث ۳۶۹ (۱۹۱) کنزُ العُمّال
۴۶/۷ رقم ۱۸۲۹۵ (۱۹۲) مُعجَم اَوسَط ۳۶۶/۵ حدیث ۷۶۲۹ (۱۹۳) اَشِعَّۃُ اللَّمعات ۶۱۶/۳ (۱۹۴) عَمَلُ الیَومِ وَاللَّیلَۃِ لابن السنی
ص ۳۲۷ حدیث ۱۷۳ (۱۹۵) اِحیاءُ العُلوم ۴۵/۳ (۱۹۶) بہارِ شریعت ۴۴۹/۳ (۱۹۷) ترمذی ۲۹۳/۳ حدیث ۱۷۶۲ (۱۹۸)
بہارِ شریعت ۳ / ۵۹۲ (۱۹۹) فَیضُ القدیر ۶/ ۴۰۴ (۲۰۰) فتاوٰی رضویہ ۹۴/۲۹، ۹۲ (۲۰۱) بُخاری ۱ / ۸۱ حدیث ۱۶۸
(۲۰۲) عُمدۃُ القاری ۲/ ۴۷۶ (۲۰۳تا۲۰۴) بہارِ شریعت ۷۷۴/۱، ۹۹۷ (۲۰۵) دُرِّ مختار ۱۰۴/۳ (۲۰۶) اَلتَّرغیب
وَالتَّرہیب ۱۰۲/۱ حدیث ۱۸ (۲۰۷) مُسندِ اِمام احمد بن حنبل ۴۳۸/۲ حدیث ۵۸۶۹ (۲۰۸) احیاء العلوم ۱/ ۱۰۱۹ (۲۰۹) بہارِ
شریعت ۱/ ۲۸۸ (۲۱۰) جَمعُ الجَوامع ۲۴۹/۵ حدیث ۱۴۸۶۷ (۲۱۱) مُلَخَّص از لوحِ الانوار ص ۳۸ (۲۱۲) حیاۃ الحیوان ۱۶۶/۲ (۲۱۳)
ماخوذ از فتاوٰی رضویہ ۶۲۳/۱ (۲۱۴) دُرِّ مختار ۶۶۸/۹ (۲۱۵) دُرِّ مختار و رَدُّالمُحتار ۶۶۸/۹، ۶۶۹، بہارِ شریعت ۵۸۳/۳ (۲۱۶تا۲۱۷)
دُرِّ مختار ۶۷۰/۹، اِحیاءُ العُلوم ۱۹۳/۱ (۲۱۸تا۲۲۱) عالَمگیری ۳۵۸/۵ (۲۲۲) اِتحافُ السّادۃ ۶۵۳/۲ (۲۲۳) فتاوٰی عالمگیری ۳۵۸/۵

(۲۲۴) معجم اوسط ۲/۵۹ حدیث ۲۵۰۴ (۲۲۵) مراٰۃ ۱/۲۶۸ (۲۲۶) شُعَبُ الْاِیمان ۵/۱۸۱حدیث ۶۲۸۵ (۲۲۷) ابوداوٗد
۴/۳۲۶حدیث ۴۷۷۸ (۲۲۸) کَشْفُ الاِلْتِباس فِی اسْتِحْبابِ اللِّباس ص ۳۶ (۲۲۹) ابن ماجہ ۴/۱۴۶حدیث ۳۵۶۸ (۲۳۰) بہار
شریعت ۳/۴۰۳ (۲۳۱)احیاء العلوم (اردو) ۱/ ۵۶۱ (۲۳۲تا۲۳۳) کَشْفُ الاِلْتِباس فِی اسْتِحْبابِ اللِّباس ص ۴۱، ۳۹ (۲۳۴تا۲۳۵)
تَعلیمُ الْمُتَعَلِّم ص۱۲۶، ۴۳ (۲۳۶) رَدُّالْمُحتار ۹/۵۷۹ (۲۳۷) مراٰۃ ۶/۹۴ (۲۳۸) دُرِّ مختار، رَدُّالْمُحتار ۲/ ۹۳ (۲۳۹) بہار شریعت ۱/
۴۸۱ (۲۴۰) بہارِ شریعت ۳/۴۰۹، رَدُّالْمُحتار ۹/ ۵۷۹ (۲۴۱) اَلْفِرْدَوس ۲/ ۲۶۵ حدیث ۳۲۳۳ (۲۴۲) اَلْجامِعُ الصَّغیر ص ۳۵۳
حدیث ۵۷۲۵ (۲۴۳) اَلْفِرْدَوس ۱/۱۴۷ حدیث ۵۲۹ (۲۴۴) اَلْفِرْدَوس بمأثور الْخِطاب ۲/ ۴۰۶حدیث ۳۸۰۵، فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ
۶/۲۱۳ (۲۴۵) ابن عساکر ۳۷/۳۵۵ (۲۴۶) کَنْزُالْعُمّال ۱۵/۱۳۳رقم ۴۱۱۳۸ (۲۴۷) مستدرک ۵/۲۷۲ حدیث ۷۴۸۸
(۲۴۸)فیض القدیر ۱/۷۰۹ تحت الحدیث ۱۱۴۲ (۲۴۹) فتاوٰی رضویہ ۲۲/ ۱۹۹ (۲۵۰) اشعۃاللّمعات ۳/ ۵۸۲ (۲۵۱) فتاوٰی رضویہ
۲۲/ ۱۸۲ (۲۵۲) کَشْفُ الاِلْتِباس فِی اسْتِحْبابِ اللِّباس ص ۳۸ (۲۵۳) مراٰۃ المناجیح ۶/ ۱۰۶ (۲۵۴) فتاوٰی رضویہ ۲۲/ ۱۸۶ (۲۵۵)
فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۷/ ۲۹۹ (۲۵۶) عالمگیری ۵/ ۳۳۰ (۲۵۷) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۶/ ۲۱۴ (۲۵۸) بُخاری ۴/۶۷ حدیث
۵۸۶۳ (۲۵۹) بہارِ شریعت ۳/۴۲۸، دُرِّ مختار و رَدُّالْمُحتار ۹/ ۵۹۸ (۲۶۰) ترمذی ۳/۳۰۵ حدیث ۱۷۹۲ (۲۶۱) رَدُّالْمُحتار ۹/ ۵۹۷
(۲۶۲) بہارِ شریعت ۳ / ۴۲۸ (۲۶۳) فتاوٰی رضویہ ۲۲/۱۴۱ (۲۶۴) بہارِ شریعت ۱/ ۷۷۹، ۷۸۰ (۲۶۵) عالمگیری ۵ / ۳۳۵
(۲۶۶) الھدایۃ ۴/ ۳۶۷ (۲۶۷) فتاوٰی رضویہ ۲۲/ ۱۳۰ (۲۶۸) عالمگیری ۵/ ۳۳۵ (۲۶۹) رَدُّالْمُحتار ۹/ ۵۹۶ (۲۷۰) تِرمِذی
۳/ ۷۷ حدیث ۱۵۲۷ (۲۷۱تا۲۷۴) بہارِ شریعت ۳ / ۳۵۴، ۳۵۵، ۳۵۵، ۳۵۷ (۲۷۵) فتاوٰی رضویہ ۲۰/ ۵۸۶ (۲۷۶)
اسلامی زندگی ص ۷۲ (۲۷۷تا۲۷۸) فتاوٰی رضویہ ۲۰/ ۵۸۶، ۵۹۶ (۲۷۹) بہارِ شریعت ۳/ ۳۵۶ (۲۸۰) فتاوٰی رضویہ ۲۰/ ۵۸۸
(۲۸۱) مُصَنَّف عبدالرزاق ۴/ ۲۵۴ حدیث ۲۱۷۴ (۲۸۲) بہارِ شریعت ۳/ ۳۵۶ (۲۸۳) بہارِ شریعت ۳/ ۳۵۷ (۲۸۴) بہارِ
شریعت ۳/ ۳۵۷ (۲۸۵تا۲۸۶) بہارِ شریعت ۳/ ۳۵۷ (۲۸۷) بہارِ شریعت ۳/ ۳۵۷ (۲۸۸) فتاوٰی رضویہ ۲۰/ ۵۹۰
(۲۸۹) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ ۲۰/ ۵۸۵ (۲۹۰) جنّتی زیور ص ۳۲۳ (۲۹۱) اَلْفِردَوس ۲/ ۵۸ حدیث ۲۳۲۹ (۲۹۲) ابوداوٗد ۴/ ۳۷۴
حدیث ۴۹۴۸ (۲۹۳) بہارِ شریعت ۳/ ۶۵۳ (۲۹۴) دُرِّ مختار ۳/ ۱۵۴، ۱۵۳، بہارِ شریعت ۱/ ۸۴۱ (۲۹۵) اَلْفِردَوس ۲/ ۳۰۸ حدیث
۳۳۹۲ (۲۹۶) جَمْعُ الْجَوامِع ۷/ ۲۹۵ حدیث ۲۳۲۵۵ (۲۹۷) فتاوٰی رضویہ ۲۴/ ۶۸۷، اَلْفِردَوس ۵/ ۵۳۵ حدیث ۹۰۰۶ (۲۹۸)
الطبقات الکبری لابن سعد ۵/ ۴۰ (۲۹۹) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ ۲۴/ ۶۸۹ (۳۰۰) الدرر الکامنۃ ۱/ ۳۱ رقم الترجمہ ۱۱۳۴ (۳۰۱) حاشیۃ
الحفنی علی الجامع الصغیر ۱/ ۱۴۹ (۳۰۲) فتاوٰی رضویہ ۲۴/ ۶۹۰ بتغیر قلیل (۳۰۳) شُعَبُ الْاِیمان ۶/ ۳۹۴ حدیث ۸۶۳۶ (۳۰۴) مُلَخَّص از
فتاوٰی رضویہ ۲۴/ ۶۷۷ (۳۰۵) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ ۲۴/ ۶۸۱۔ ۶۸۲ (۳۰۶) بُخاری ۴/ ۱۵۳ حدیث ۶۱۹۳ (۳۰۷) فتاوٰی
رضویہ ۲۴/ ۶۸۰ (۳۰۸) بہارِ شریعت ۳/ ۳۵۶ (۳۰۹) تِرمِذی ۴/ ۳۸۲ حدیث ۲۸۴۸ (۳۱۰) مسلم ص ۱۱۸۱ حدیث ۲۱۳۹
(۳۱۱) فتاوٰی رضویہ ۲۴/ ۶۸۴ (۳۱۲) مسلم ص ۱۱۸۲ حدیث ۲۱۴۲ (۳۱۳) فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۸/ ۲۷۰، ۲۴۳ (۳۱۴) بخاری
۲/ ۲۹۶ حدیث ۲۹۵۰ (۳۱۵) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۲۳/ ۴۰۰ (۳۱۶) ابو یعلی ۶/ ۲۶۵ حدیث ۳۸۲۷ ملخّصاً (۳۱۷تا۳۱۸)
بہارِ شریعت ۱/ ۱۰۵۲ (۳۱۹) مصنّف ابن ابی شیبۃ ۱/ ۵۲۹ (۳۲۰) ابوداوٗد ۳/ ۵۱ حدیث ۲۶۰۹ (۳۲۱تا۳۲۲) بہارِ شریعت ۱/
۱۰۵۲، ۱۰۵۱ (۳۲۳) انوارِ جمالِ مصطفٰی ص ۱۶۰ (۳۲۴) سُبُلُ الْھُدٰی ۷/ ۳۴۷ (۳۲۵) فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۱۰/ ۲۹۷
(۳۲۶تا۳۲۷) الحصن الحصین ص ۸۰، ۷۹ (۳۲۸) ابن ماجہ ۳/ ۲۷۲ حدیث ۳۸۲۵ (۳۲۹) التیسیر ۱/ ۲۲۸ (۳۳۰)
الحِصنُ الحَصین ص ۸۲ (۳۳۱) رَدُّالْمُحتار ۹/ ۳۳۴، ۳۳۵، بہارِ شریعت ۳/ ۲۲۲ (۳۳۲) بہارِ شریعت ۱/ ۷۴۳، عالمگیری ۱/ ۱۳۹

(۳۳۳) عالمگیری ۱/۱۳۹ (۳۳۴) اِبنِ عَساکِر ۵۲/۲۳۰ (۳۳۵) ترمذی ۵/۲۸۰ حدیث ۳۴۵۹ (۳۳۶) الادب المفرد
ص۱۳۷ حدیث ۵۱۸ (۳۳۷) مُعجَم اَوسط ۳/۲۲۲ حدیث ۴۳۹۶ (۳۳۸) ابن ماجہ ۲/۱۹۲ حدیث ۱۴۴۳ (۳۳۹) تِرمِذی ۲/۲۹۰
حدیث ۹۷۱ (۳۴۰) ابوداؤد ۳/۲۴۸ حدیث ۳۰۹۷ (۳۴۱) ابن ماجہ ۲/۱۹۱ حدیث ۱۴۴۱ (۳۴۲) الترغیب والترھیب ۴/ ۱۶۶
حدیث ۱۹ (۳۴۳) ابوداؤد ۳/۲۵۱ حدیث ۳۱۰۶ (۳۴۴) اردو لغت ۱۳ / ۶۰۴ (۳۴۵) بہارِ شریعت ۳ / ۵۰۵
(۳۴۶) بخاری ۲ / ۵۰۵ حدیث ۳۶۱۶ (۳۴۷) ترمذی ۴ / ۳۳۴ حدیث ۲۷۴۰ (۳۴۸) مراٰۃ ۶ / ۳۵۸ بِتَصَرُّف
(۳۴۹) فتاوٰی رضویہ ۲۴ / ۲۰۶ (۳۵۰) بہار شریعت ۳ / ۵۰۵ (۳۵۱) تاریخ بغداد ۴/۲۶۳ (۳۵۲) التیسیر بشرح ا
لجامع الصغیر ۲/۴۴۲ (۳۵۳) المستدرک ۱/۶۹۰ حدیث ۱۳۸۰ (۳۵۴) اِبنِ ماجہ ۲/۲۰۱ حدیث ۱۴۶۲ (۳۵۵) الفردوس
۱/۹۸ حدیث ۳۱۷ (۳۵۶) مسلم ص۴۷۰ حدیث ۹۴۳ (۳۵۷) ترمذی ۲/۳۰۱ حدیث ۹۹۶ (۳۵۸) بہار شریعت ۱/ ۸۱۷
(۳۵۹) عالمگیری ۱/۱۶۰ (۳۶۰) حاشیۂ بہارِ شریعت ۱/۸۱۹ (۳۶۱) بہارِ شریعت ۱/۸۱۹ (۳۶۲) مدَنی وصیّت نامہ ص ۴
(۳۶۳تا۳۶۴) بہارِ شریعت ۱/۸۲۱ (۳۶۵) مُلَخَّصاز بہار شریعت ۱/۸۱۸ (۳۶۶) بہار شریعت ۱/۸۱۸ (۳۶۷) فتاوٰی رضویہ
مُخَرَّجہ ۹/۴۰۱، عمدۃ القاری ۱/۴۰۰ تحتَ الحدیث ۴۷ (۳۶۸) مسلم ص ۱۱۹۲ حدیث ۵(۲۱۶۲) مُلَخَّصاً (۳۶۹) اَلفِردَوس بمأثور الْخطّاب
۱/۲۸۲ حدیث ۱۱۰۸ (۳۷۰) مُسندُ البزار ۱۱/۸۶ حدیث ۴۷۹۶ (۳۷۱) شَرحُ الصُّدُور ص ۹۷ (۳۷۲) اِحیائُ العُلوم ۵/۲۶۶ مُلَخَّصاً
(۳۷۳) الطبقاتُ الکُبرٰی لابن سعد ۳/۳۲۹، اَلبِنایہ ۳/۲۴۲ مُلَخَّصاً (۳۷۴) جوہرہ ص۳۹، دُرِّ مختار ۳/۱۵۸۔۱۵۹، بہارِ شریعت ۱/۸۲۳
(۳۷۵) عالمگیری ۱/۱۶۲، بہارِ شریعت ۱/۸۲۳، دُرِّ مختار ۳/۱۶۲ (۳۷۶) عالمگیری ۱/۱۶۲ (۳۷۷) بہارِ شریعت ۱/۸۲۲ (۳۷۸)
بہارِ شریعت ۱/۸۱۳، ۸۱۲ (۳۷۹) پ۲۹، المرسلات: ۲۶، ۲۵ (۳۸۰) بہار شریعت ۱/۸۴۲ (۳۸۱) حلیۃ الاولیاء ۶/۳۹۰ رقم
۹۰۴۲ (۳۸۲) جوہرہ ص۱۴۱ (۳۸۳) بہار شریعت ۱/۸۴۶، عالمگیری ۱/۱۶۶ (۳۸۴) بہارِ شریعت ۱/۸۴۴ (۳۸۵) عالمگیری ۱/
۱۶۶ (۳۸۶) تنویر الابصار ۳/۱۶۶ (۳۸۷) عالمگیری ۱/۱۶۶، جوہرہ ص۱۴۰ (۳۸۸) حاشیۃ الطحطاوی علی مراقی الفلاح ص۶۰۹
(۳۸۹) بہارِ شریعت ۱/۸۴۴ (۳۹۰) جوہرہ ص۱۴۱ (۳۹۱) عالمگیری ۱/۱۶۶ (۳۹۲) بہار شریعت ۱/۸۴۵ (۳۹۳) بہار
شریعت ۱/۸۴۶ مُلَخَّصاً، عالمگیری ۱/۱۶۶، ردالمحتار ۳/۱۶۸ (۳۹۴) ماخوذ از فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۵/۳۷۰ (۳۹۵) بہار شریعت ۱/۸۴۶
(۳۹۶) بہار شریعت ۱/۸۴۶ بتغیر (۳۹۷) بہار شریعت ۱/۸۴۸، دُرِّ مختار ۳/۱۸۵، التّاتار خانیہ ۲/۱۷۰ (۳۹۸) بہار
شریعت ۱/۸۴۸، بتغیر ردالمحتار ۳/۱۸۶ (۳۹۹) ماخوذ از فتاوٰی رضویہ ۹/۴۰۶ (۴۰۰) اِبن ماجہ ۲/۲۵۲ حدیث ۱۵۷۱ (۴۰۱) تاریخِ
بغداد ۶/۱۳۵ حدیث ۳۱۷۵ (۴۰۲) شُعَبُ الْاِیمان ۶/۲۰۱ حدیث ۷۹۰۱ (۴۰۳) فتاوٰی رضویہ مخرّجہ ۹/۵۳۲ (۴۰۴تا ۴۰۵)
عالمگیری ۵/۳۵۰ (۴۰۶) فتاوٰی رضویہ مخرّجہ ۹/۵۲۲، ۵۲۶ (۴۰۷) ماخوذ از فتاوٰی رضویہ ۲۲/۴۲۳ (۴۰۸) رَدُّالْمُحتار ۱/۶۱۲
(۴۰۹) دُرِّ مختار ۳/۱۸۳ (۴۱۰) فتاوٰی رضویہ مخرّجہ ۹/۵۳۲ (۴۱۱) مرقاۃ المفاتیح ۴/۲۵۳ تحت الحدیث ۱۷۶۵ ماخوذاً (۴۱۲) مُصَنَّف
ابن اَبی شَیبہ ۸/۲۵۷ (۴۱۳) شَرحُ الصُّدُور ص ۳۱۱ (۴۱۴) دُرِّ مختار ۳/۱۸۳ (۴۱۵) مُلَخَّص از فتاوٰی رضویہ مُخَرَّجہ ۹/۴۸۲، ۵۲۵ (۴۱۶)
مسلم ص۵۷ حدیث ۱۹۲ (۴۱۷) عالمگیری ۵/۳۵۰ (۴۱۸) فتاوٰی رضویہ مخرّجہ ۹/۵۲۳ (۴۱۹تا۴۲۰) عالمگیری ۵/۳۵۰
(۴۲۱) اِبنِ عَساکِر ۹/۳۴۳۔

الحمد لله رب العلمين والصلوة والسلام على سيد المرسلين اما بعد فاعوذ بالله من الشيطن الرجيم بسم الله الرحمن الرحيم

# جنت جي طرف پيش قدمي ڪرڻ جو نسخو

اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پيري پاڻ ۾ رُٺل ٻن ڀائرن صلح ڪي ترغيب ڏيندي ارشاد فرمايو: اوهان ٻنهي مان جيڪو صلح ڪرڻ ۾ پيش قدمي ڪندو اهو جنت جي طرف پيش قدمي ڪندو.

(خلاصه از: حيات اعلي حضرت جلد 1 صفحو358)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net